چهه ماهي

# سرسو

جنوري 2017 کان جون 2017


## ايڊيٽر

**نويد اسحاق ميمڻ**

مئنيجر MER

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سکر.

## ايڊيٽوريل بورڊ

**نثار احمد پناڻ**

مئنيجر NRM

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سکر.

**نياز احمد هنگورو**

ريجنل مئنيجر - II

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن

**غلام رسول سميجو**

ريجنل مئنيجر III

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن

**زبير سومرو**

مئنيجر آءِ.ايم.ايس.ڊي

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن

**عبدالوحيد ٻرڙو**

ڊسٽرڪٽ مئنيجر

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن

ڪمپوزنگ ۽ لي آئوٽ

**بخت علي ابڙو**

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن


**اهي ماڻهو جيڪي الله تي يقين رکن ٿا ۽ معاشري جي ڀلائي جا ڪم ڪن ٿا انهن لاءِ انعام آهن.**

(القرآن)

## هن شماري ۾......


- ايڊيٽر پاران ........ 2
- چيف ايگزيڪيٽو آفيسر جو پيغام ........ 3
- محترم ارم خالد جي سرسو جي تنظيمي عهديدار عورتن سان ڪيل ڪچهري ........ 4
- غربت جي درجه بندي ڪارڊ ........ 6
- سنڌ جي 6 ضلعن ۾ غربت گهٽائڻ وارو پروگرام ........ 8
- ڪراچي ۾ هنرمند عورتن جي هٿن سان ناهيل سونَ جهڙين
- سوڪڙين جي نمائش ........ 11
- جياپو بهتر بڻائڻ لاءِ بزرگن کي بااختيار بنائڻ ........ 14
- هيلٿ انشورنس پاليسيءَ بچائي نئين زندگي ........ 17
- نئين انقلاب جي شروعات ........ 19
- هُنري تعليم ۽ اڄ جو معاشرو ........ 21
- نو - بالغ ٻارن جي زندگي کي بهتر بنائڻ ........ 23
- گهر کان اسپتال تائين : هڪ مختصر سفر ........ 25
- سرسو جي سرگرمين جو تصويري ڊيک ........ 27
- شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ سوشل موبلائيزيشن ........ 31
- مسمات رحمت کي به مليو (LEP) مان فائدو ........ 34
- صحت جي رابطي واري پروگرام جون سرگرميون ........ 35
- نم جو وڻ ........ 37
- ترقي ۽ تنظيم ........ 39
- اسان جو معاشرو ۽ نوجوانن جا حق ........ 41
- سارين جو فصل ........ 43
- لڳ منهنجا لوهه ........ 47
- سنڌ جو تعليمي نظام ........ 49



رابطي لاءِ ڏس پتو

**مانيٽرنگ ايويليشن ۽ ريسرچ يونٽ**

سرسو ڪامپليڪس شڪارپور روڊ سکر.

فون: 071-56271820 فيڪس: 071-5627182-111

ويب سائيٽ www.srso.org.pk

هيڊ آفيس **سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (SRSO)**

سرسو ڪامپليڪس شڪارپور روڊ سکر

# ايڊيٽر پاران

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سنڌ جي ٻهراڙين ۾ ترقيءَ جي راهه کان هٽيل طريقن، ريتن ۽ ٻي جا رسمن بجاءِ ترقيءَ جا اهڙا طريقا ۽ نظام متعارف ڪرائجن، جن سان سنڌ جي ٻهراڙين ۾ رهندڙ ماڻهن جي مٿان غربت جي چڙهي ويل ڌُڙ کي لاهي صاف ڪجي ۽ ڳوٺاڻن کي پنهنجي مدد پاڻ تحت واري فلسفي جي اصولن تي هلندي ڪين ترقيءَ جي راهه تي گامزن ڪندي ڪاميابين جا نوان داستان رقم ڪجن.

چوندا آهن ته تبديلي لاءِ تمام گهڻي جاکوڙ ڪرڻي پوندي آهي پر مان ان ڳالهه ۾ تورو واڌارو ڪندس ته تبديليءَ لاءِ تمام گهڻي جاکوڙ ته ڪرڻي ئي پوندي آهي پر جڏهن اها تبديلي فردن بجاءِ سموري معاشري سان وابسط هجي ۽ ان تبديلي جو مقابلو سماج ۾ سَوَن سالن کان پاڙون مضبوط ڪري ٻيٺل ناقص نظام سان هجي ته پوءِ ان تبديليءَ لاءِ مستقل بنيادن تي محنت ڪرڻي پوندي آهي ۽ جيڪڏهن تبديليءَ جي انهيءَ سفر ۾ ڪي رڪاوٽون اچي ويون ته پوءِ اهو سفر اڃان ٻه گهڻو ڏکيو ٿي پوندو آهي. تنهن ڪري اهڙي ڏکئي سفر تي هلندي اسان کي پنهنجون حڪمتِ عمليون ٻه تمام گهڻي مهارت سان جوڙڻ جي ضرورت آهي. سرسو سان سلهاڙيل ٽيم نه صرف تجربيڪار آهي پر باهمت پڻ آهي. جنهن ۾ مسڪين ماڻهن جي تڪليفن کي ختم ڪرڻ جو هڪ جذبو موجود آهي. جيئن ته سرسو ۾ موجود محنتي، تجربيڪار ماڻهن ۽ خاص ڪري محمد ڏتل ڪلهوڙي جي قيادت ۾ جهڙي طرح سرسو تيزي سان وڌي رهي آهي ۽ سنڌ جي ٻهراڙين ۾ غربت خلاف جهاد جي الم کي اونچو رکيو ويٺي آهي تنهن جو مثال مشڪل سان ئي ملي ٿو.

اسان سرسو سان سلهاڙيل اهڙن ئي ڪردارن کي منظرِ عام تي آڻيندا آهيون ۽ اسان جو اهو عزم هوندو آهي ته جن ماڻهن سرسو جي ڏنل تبديلي ۽ ترقيءَ جي رستي تي هلندي ڪاميابيون ماڻيون اسان انهن ماڻهن جي ڪيل جاکوڙ ۽ محنتن کي ٻين تائين پهچايون ته جيئن انهن ماڻهن جي همت، جذبي ۽ سندن زندگيءَ ۾ آيل تبديلين کي ڏسندي ٻيا ساٿي پڻ غربت خلاف جنگ واري ترقياتي پروگرام سان ڳنڍجي وڃن ۽ نه صرف پنهنجو ۽ پنهنجي گهر جي حالتن کي بهتر ڪن پر ان سان گڏوگڏ هن سماج جا ڪارائتا فرد پڻ بڻجن.

اميد آهي تا ته اسان جو هي سفر جاري ۽ ساري رهندو ۽ اوهان جي ڪيل محنتن کي سرسو جيڪا مجتا ڏني آهي ۽ اسان کي يقين آهي ته سنڌ جي هر واهڻ وستيءَ ۾ رهندڙ غريب ماڻهن کي هڪ ڏينهن ضرور ماڻُ ملندو ۽ سنڌ جا ماڻهو پنهنجي مدد پاڻ تحت جي عزم سان هڪ ڏينهن ضرورو ڪاميابيون ماڻيندا.

**نويد اسحاق ميمڻ**

# پيغام

سہاجھڙي سنڌ جي غريب مارونئڙن جو تعلق ٻهراڙين سان آهي. اسان جا ڳوٺ وستيون ۽ واهڻ بنيادي سهوليتن کان وانجهيل آهن، جتي صحت، تعليم، امن امان، روڊ رستا، روزگار جا وسيلا نه هجڻ جي برابر آهن. اتان جا غريب ماڻهو، جيڪي بيرزگاري ۽ غربت جي ڏبڻ ۾ ڦاٿل آهن، انهن جي معاملن کي ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي.

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن اهڙن غريب ڳوناٽن لاءِ روشن سج جيان اميد جو هڪ ڪرڻو آهي. هي ادارو انهن غريب ڳوناٽن خاص طور تي عورتن جي جاڳرتا ڪندي سندن لڪيل صلاحيتن کي اياري ٿوته جيئن هو پنهنجي پيرن تي بيهندي پنهنجي آمدني وڌائيندي غربت کي نيڪالي ڏئي سگهن.

سرسو اهڙو ڪم سنڌ جي 11 ضلعن ۾ تعليم، زراعت، مال مويشي، هنري ۽ سلائي ڪڙهائي، ڳري مشينري جي ڊرائيونگ ۽ فني سکيا وغيره جي مد ۾ غريب ماڻهن سان گڏجي سڏجي ۽ سلهاڙجي ڪري ڪم ڪري رهي آهي ته جيئن سندن زندگي ۾ آسودگي جهڙو خواب ڏسي پسي سگهجي. ۽ سرسو جا سماج سڌارڪ ڏينهن رات غريبن کي منظم ڪندي ڪين تنظيمي مالها ۾ مڙهي رهيا آهن ته جيئن منظم ٿيندي سندن جي زندگين مان نااميديون، نراسايون، مفلسيون ختم ڪندي ڪين خوشحال ۽ پرامن زندگين طرف وک وجهرائي سگهجي. ۽ هو آمدني ڪمائندي پنهنجي گهرن ۽ ڳوٺن لاءِ ڪارآمد ۽ مستقبل جا معمار ثابت ٿي سگهن.

اسان جون ڪيل ڪوششون روشن سج جيان سيني جي اڳيان آهن جنهن کي مضبوط ڪرڻ لاءِ صاحب اختيار ادارن، سرڪار ۽ ڳوناٽن جي مدد ۽ ساٿ جي اجان به وڌيڪ ضرورت آهي.

مان اميد ٿو ڪريان ته اهڙي جدوجهد جاري ۽ ساري رهندي ۽ پوءِ اهو ڏينهن پري ناهي جو اسان جا ڳوناٽا ترقي يافته ڳوٺن جي صف ۾ شامل ٿي ويندا.

**سات سلامت**

**محمد ڏتل ڪلهوڙو**

چيف ايگزيڪيٽو آفيسر
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيسن سکر




# محترمہ ارم خالد جي سرسو جي تنظيمي عهديدار عورتن سان ڪيل ڪچهري

جميل سومرو

مونکي ذاتي طورتي ياد آهي تہ هڪ ڏينهن ڏينهن، سائي رنگ جي وڳي ۽ اڇي رنگ جي رَئي ۾ اوڊيل دنيا جي محبوب ليڊر شهيد محترمہ بينظير ڀٽو هڪ عوامي جلسي کي خطاب ڪندي چئي رهي هئي تہ سندس خواب آهي تہ هِتان (سنڌ) جون عورتون پنهنجي پيرن تي بيهي ملڪ جي ترقيءَ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن. ۽ اڄ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سان سلهاڙيل عورتن کي ڏسي سئو سيڪڙو دعويٰ سان چوان ٿي تہ اڄ جيڪڏهن اسان جي محبوب اڳواڻ شهيد محترمہ بينظير ڀٽو حيات هجي ها تہ توهان (عورتن) کي ڏسي سندس خواب ساڀيان جو روپ ڏسي ٻهڪي پوي ها.

هي لفظ آهن وزير اعليٰ سنڌ جي عورتن جي ڀلائي واري کاتي جي صوبائي صلاحڪار ارم خالد جا جنهن سرسو ڪامپليڪس سکر ۾ خيرپور، شڪارپور، ڪنڌڪوٽ-ڪشمور، نوشهروفيروز،سکر ۽ قمبر-شهدادڪوٽ ضلعن سان لاڳاپيل تنظيمي منظم عورت ميمبرن سان پنهنجي خطاب دوران چيا. هن جو چوڻ هيو تہ سنڌ جي ٻهراڙين جي عورتن ۾ جهڙي طرح سرسو اعتماد جو ٻج پوکيو آهي ۽ هو مائيڪ تي اچي جهڙي ريت ڳالهائي رهيون آهن ان جو مثال ورلي ڪو ملي ٿو، هن چيو تہ مان سلام پيش ڪيان ٿي سرسو اداري جي سموري قيادت کي جنهن انهن عورتن کي شعور جهڙو خزانو ڏنو آهي ۽ سندن مالڪي پڻ ڪئي آهي.

ارم خالد تقرير دوران چيو تہ اِهي ئي اُهي عورتون آهن جن جي لاءِ شهيد محترمہ بينظير ڀٽو چيو هيو تہ هڪ ڏينهن توهان (عورتون) پنهنجي پيرن تي بيهي ملڪ ۽ قوم جي ترقيءَ ۾ پنهنجو تاريخي ڪردار ادا ڪندؤ. ان ۾ ڪوبہ شڪ ناهي تہ سنڌ جي عورتن ۾ بيشمار صلاحيتون موجود آهن. صرف ڪين وقتائتي ۽ بهتر اڳواٽي جي ضرورت آهي جيڪو سرسو خال پورو ڪري ڇڏيو آهي.




تاڙين جي گونج ۾ ارم خالد جا لفظ هئا تہ توهان کي منظم ۽ هڪ ڏسي دنيا جي ڪابہ طاقت هاڻي توهان کي پنهنجا قانوني، شرعي، سماجي توڙي بنيادي حق ڏيڻ کان منهن نہ ٿا موڙي سگهن. مان حيران آهيان اڄ توهان عورتن کي هتي (سرسو ڪامپليڪس) سکر ۾ ڏسي ڪري، خوشي بہ تمام گهڻي ٿي آهي. ۽ يقين آهي تہ اُهي توهان ئي تہ آهيو جيڪي دنيا جا مختلف ڪاروبار ڪري پنهنجي ڪٽنب لاءِ خوشحالي جي ضمانت آهيو.

اُها ضمانت جيڪا شهيد محترمه جي سوچ هئي، اُها خوشحالي جيڪا شهيد محترمه جو خواب هيو، جو خواب ۽ ان جي ساڀيان جو سِهرو سرسو ۽ سنڌ حڪومت ڏانهن وڃي ٿو.

ارم خالد وڌيڪ چيو ته اِها ڳالهه به قابلِ تعريف آهي ته ڪميونٽيز جي عورتن جهڙي طرح سرسو کان CIF جي مد ۾ قرضو ورتو هيو. اُن قرض جو 100 سيڪڙو واپسي ڪي يقيني بڻايو آهي. دنيا جي ڪنهن به ڏاهي، ڪنهن به معاشي ماهر ڪي توهان سان ملائي اِها راءِ وٺي سگهجي ٿي ته هتان جون عورتون ڪنهن کان به ڪنهن به ميدان ۾ پوئتي ناهن. سندن ۾ اعتماد اڳتي وڌڻ جو جُوش ۽ وَلولو ڪنهن کان به گهٽ ناهي، هونئن به اِها حقيقت آهي ته ڪنهن به قوم جي ترقي عورتن جي شراڪت ڪانسواءِ ممڪن ئي ناهي.

سندس چوڻ هيو ته مان پنهي هٿن سان توهان باهمت عورتن کي سلام پيش ڪيان ٿي، توهان سيني سماج جي ڏکاين ۽ ريتن رسمن سان نباڻي، منهن ڏئي اڄ هتي پهتيون آهيو، توهان سجاڳ آهي، توهان جي اکين ۾ خوشحالي جا خواب سرجي چڪا آهن. اسان جي عظيم شهيد اڳواڻ جا لفظ توهان اڄ سچ ثابت ڪري ڏيکاريا آهن. اڄ مان دعويٰ سان چوان ٿي ته توهان تي اڄان به ممڪن ۽ مڪمل اعتماد ڪيو وڃي ته توهان ناممڪن کي به ممڪن بڻائي سگهو ٿيون.

پنهنجي تقرير ۾ هن چيو ته توهان ۾ اعتماد ۽ ٻڌيءَ جا عنصر شامل ٿي چڪا آهن يقيناً انجي خوشبو ۽ ان جو مثال ملڪ جي ڪُنڊ ڪڙڇ تائين پهچندو ۽ معاشري ۾ مثبت تبديلي ايندي ۽ ڏيئي سان ڏيئو ٻري سچو سماج روشن ٿي پوندو.



سرسو جي يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽايو پروگرام (UCBPRP) ۽ سنڌ يونين ڪائونسل ۽ ڪميونٽي جي معاشي استحڪام جو سهڪاري پروگرام (SUCCESS) تي ڳالهائيندي صوبائي صلاحڪار ارم خالد چيو ته هي پروجيڪٽس عوامي خدمت به آهن ته عبادت به آهن، دل سان ڪم ڪري هزارين نه پر لکين گهرن جي غربت ختم ڪري ڪين خوشحالءَ جو ڏڳ ڏيکاري سگهجي ٿو. مون کي يقين آهي ته سرسو جهڙي طح سنڌ حڪومت جي پروجيڪٽ (UCBPRP) جي تڪميل ڪئي (SUCCESS) جي اهڙي ئي طرح شاندار ۽ مثالي تڪميل ٿيندي ۽ لاڙڪاڻي ۽ قمبر-شهدادڪوٽ واسين جي جيئڻ جو انداز اڄ جي پيٽ ۾ سياڻي ڪافي بهتر محسوس ٿيندو.

ان کان اڳ خيرپور، شڪارپور، ڪندڪوٽ – ڪشمور، جيڪب آباد ۽ لاڙڪاڻي ضلعن سان واڳيل لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن ۽ وليج آرگنائيزيشن جي اڳواڻ عورتن خطاب ڪيو ۽ پنهنجا تجربا ۽ مشاهدا ٻڌايا.

جڏهن ته صوبائي صلاحڪار ارم خالد سرسو ڪامپليڪس ۾ قائم سرتيون سنگ ڪرافٽس جو دورو ڪيو ۽ اُتي رکيل هٿ جي هنرن کي ساراهيو ۽ گهڻي دلچسپي پڻ ورتي.

آخر ۾ سرسو جي چيف ايگزيڪيٽو آفيس محمد ڏتل ڪلهوڙو صوبائي صلاحڪار محترمه ارم خالد ۽ آيل معزز مهمانن سرسو ڪامپليڪس اچڻ تي ٿورا مڃيا ۽ ڪين سرسو جي پروگرامن کان مڪمل آگاهه پڻ ڪيو.

*

# غربت جي درجه بندي ڪارڊ

بخت علي ابڙو

يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽايو پروگرام (UCBPRP) حڪومتِ سنڌ جي مالي تعاون سان 2009 ۾ شروعاتي بنياد تي شڪارپور ۽ ڪشمور ضلعن ۾ شروع ڪيو ويو. انهيءَ پروگرام جي شاندار نتيجن ۽ فائدن جي بنياد تي حڪومت سنڌ هن پروگرام کي وڌيڪ ٻين ضلعن تائين وڌائڻ جو اصولي فيصلو ڪيو، جنهن تحت جيڪب آباد ۽ ٿرپارڪر ضلعن ۾ پڻ هي پروگرام شروع ڪيو ويو. پروگرام جي ڪاميابين کي ڏسندي حڪومت سنڌ ۽ سرسو جي هن پروگرام کي يورپين يونين مسلسل هڪ سال تائين جائزو وٺندي رهي، آخرڪار هن پروگرام کي ڪامياب قرار ڏيندي حڪومت کي وڌيڪ اهو پروگرام 8 ضلعن تائين ڦهلائڻ لاءِ مالي سهڪار جي آڇ ڪئي. هن وقت هي پروگرام (SUCCESS) جي نالي سان 8 ضلعن ۾ هلندڙ آهي.




سنڌ حڪومت سرسو جي انهن سمورين ڪاميابين کي نظر ۾ رکندي ٽن سالن لاءِ سنڌ جي 6 ضلعن ۾ يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽايو پروگرام جي توسيع ڏيندي EUCBPRP پروگرام شروع ڪيو آهي، جيڪا حڪومتِ سنڌ جي هڪ بهتر پيشقدمي آهي جنهن جي ذريعي غربت گهٽائڻ لاءِ ماڻهن جي صلاحيتن ۾ اضافو ڪيو ويندو. سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن 2003ع کان سنڌ جي اترين علائقن جي ڏهن ضلعن ۾ ڪم ڪري رهي آهي. جنهن جو بنيادي مقصد غريب ماڻهن ۾ موجود صلاحيتن کي اجاگر ڪري، ان مان ڀرپور لاڀ حاصل ڪرائڻ، ڪين ايڪو، ٻڌي سيڪاريندي منظم ڪرائڻ آهي.

انتهائي غريب ۽ غريب ڪير آهن؟، ڀهراڙين ۾ انهن جي درجہ بندي ۽ نشاندهي ڪري ۽ سندن جو رڪارڊ رکڻ لاءِ موبائل (سسٽم) تحت هڪ معلوماتي فارم تيار ڪيو آهي، جيڪو پاورٽي اسڪور ڪارڊ (Poverty Scorecard) سان سجاتو وڃي ٿو. ان فارم ڪي پرڻ (سروي) جون ذميواريون سرسو جي ذمي آهن. جيڪا سروي ڇهن ئي ضلعن ۾ ٽن مهينن جي مختصر عرصي ۾ مڪمل ڪرڻ جو ٽارگيٽ آهي.



يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽايو پروگرام تحت سنڌ جي 6 ضلعن جي 321 يونين ڪائونسلن ۾ سروي جو عمل زور شور سان جاري آهي، جنهن ۾ خيرپور جون 59 يونين ڪائونسلون، سانگهڙ جون 71، ٺٽو جون 33، بدين جون 68، ميرپور خاص جون 55 ۽ عمرڪوٽ جي 35 يونين ڪائونسلن جي 10 لک گهراڻن جا انگ اکر گڏ ڪيا پيا وڃن.

پاورٽي اسڪور ڪارڊ سان سنڌ ۾ موجود ماڻهن ۾ غربت جي سطح کي ماپي سگهجي ٿو ۽ انهن جي درجہ بندي جي نشاندهي ڪري سگهجي ٿي.

- هن ۾ گهريلو سطح، يونين ڪائونسل، تعلقي ۽ ضلعي سطح جي معلومات نوٽ ڪئي وڃي ٿي.
- هن معلومات مان غريبن لاءِ آسودگي ۽ خوشحالي لاءِ آساني سان پروگرام/ پراجيڪٽ ناهڻ ۾ مدد ملندي.
- هن طريقہءڪار ۾ بي زمين ۽ بي گهر ماڻهن جي چٽيءَ طرح نشاندهي لکي ۽ رڪارڊ ڪئي وڃي ٿي.
- هن ڪارڊ ۾ پريل معلومات سان آدمشماري جي ڳٽپ ڪري سگهجي ٿي.
- هن سروي مان ضلعي ۾ موجود سيني جسماني توڙي ذهني معذورن جي معلومات پڻ حاصل ڪئي وڃي ٿي.
- هن سروي مان هر فرد جي عمر جي لحاظ کان نشاندهي پڻ شامل آهي.
- هن مان اهو پڻ معلوم ٿيندو تہ ڪيترا ٻار اسڪول وڃڻ جي عمر ۾ آهن، اُهي اسڪول وڃن ٿا يا نہ.
- گهر ۾ موجود گهريلو سطح جي اثاثن جو پڻ پتو پوي ٿو.





# سنڌ جي 6 ضلعن ۾ سنڌ حڪومت جو غربت گهٽائڻ وارو پروگرام

بخت علي ابڙو

حڪومتِ سنڌ ۽ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سرسو وچ ۾ 2009ع معاهدو ٿيو ته ٻئي ملي ڪري سنڌ جي ٻن ضلعن شڪارپور ۽ ڪشمور ۾ تيز رفتاريءَ سان عمل ڪندي ٽن ارب روپين جي لاڳت سان يونين ڪائونسل سطح تي غربت کي گهٽائڻ جو پروگرام شروع ڪندا ته جيئن ڪميونٽي سطح تائين معاشي ۽ سماجي صورتحال کي بهتر ڪري سگهجي.

پراجيڪٽ جو مجموعي مقصد هيو ته ٻهراڙين ۾ رهندڙ ماڻهن جي زندگيءَ کي معياري، ڪارائتو ۽ بهتر بڻائجي، اهڙين ٻهراڙين ۾ جتي زندگي جون بنيادي سهولتون ميسر نه آهن. ان ڪان علاوه ان پراجيڪٽ جو هڪ بنيادي مقصد ٻيو به هيو ته ٻهراڙين اندر غربت جي لڪير کان هيٺ زندگي گذاريندڙ هر فرد ۾ سماجي تحرڪ جي فلسفي تحت ايترين صلاحيتون پيدا ڪجن ته جيئن هو پاڻ غربت سان مدمقابل ٿي ان کي منهن ڏئي سگهن. جيڪب آباد، شڪارپور، ڪشمور ۽ ٿرپارڪر ضلعن ۾ اهو پراجيڪٽ پنهنجن سمورن مقصدن جي حاصلات سان گڏ پنجن سالن اندر ڀرپور ڪاميابيءَ سان پورو ٿيو. انهن ڪامياب نتيجن کي ڏسندي حڪومت سنڌ جي مالي سهائتا ۽ سرسو جي سهڪار سان يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽايو پروگرام کي ساڳئي انداز سان سنڌ جي ڇهن ضلعن، بدين، ٺٽو، ميرپورخاص، عمرڪوٽ، سانگهڙ ۽ خيرپور ۾ هلائڻ لاءِ 5 مئي 2017ع تي ٽن سالن جي هڪ معاهدي تي صحيون ڪيون ويون آهن. 4.9 بلين جي هن پروگرام تحت 6 ضلعن ۾ ٻهراڙين جي غريب گهراڻن ۽ غريب ترين فردن کي حڪومتي سطح تي سماجي تحفظ فراهم ڪندڙ ادارن، واڳيل محڪمن ۽ ٻين حڪومتي ۽ غير حڪومتي ادارن وچ ۾ هڪ مضبوط رابطو جوڙڻ آهي.

پروگرام تحت 1.02 ملين گهراڻن جا انگ اکر گڏ ڪندي ڇهن ئي ضلعن جي 321 يونين ڪائونسلن ۾ ٽوٽل 716،523 گهراڻن ۽ 39،809 تنظيمن کي گروپن ۾ 4,975 ڳوٺاڻين تنظيمن ۽ 321 مقامي سپورٽ تنظيمن ۾ منظم ڪيا ويندا.

گڏوگڏ 32,244 مرد ۽ عورتون چونڊي انهن کي مختلف ووڪيشنل ٽريننگس ڏياريون وينديون جڏهن ته 175,888 COs, VOs ۽ LSO جي ميمبرن کي مختلف صلاحيتن جا گڻ سيکارڻ سميت اڳواڻي ڪرڻ جون تربيتون پڻ ڏنيون وينديون.

پروگرام ذريعي پيش قدميون ڪندي سنڌ جي ٻهراڙين اندر غربت کي ختم ڪرڻ سان گڏوگڏ ڪميونٽيز کي ان لائق بڻائجي ته هو پنهنجي ڪمائي جا وسيلا بهتر ڪن ۽ انهن ۾ واڌارو آڻي پنهنجا اثاثا جوڙين. ڇاڪاڻ ته ٻهراڙين اندر غربت جو هڪ بنيادي سبب اهو به آهي ته ماڻهن وٽ پنهنجا اثاثا ڪو نه آهن

**مقصد:**

انهيءَ پروگرام جو مقصد سنڌ جي ڇهن ضلعن بدين، ٺٽو، ميرپور خاص، خيرپور، سانگهڙ، ۾ غربت گهٽائي اتان جي حالتن کي بهتر ڪرڻ آهي.

**پراجيڪٽ جون سرگرميون :**

غربت واري اسڪور جي استعمال سان ٽارگيٽ گروپس جي سڃاڻپ ڪرڻ: پراجيڪٽ جي سلسلي ۾ سڀ کان پهرين سرگرمي جيڪا سرسو منتخب ڪيل ڇهن ئي ضلعن جي 321 يونين ڪائونسلن ۾ سرانجام ڏيندي.

(321 يونين ڪائونسلن جي هر هڪ گهر تائين) پهچي فارم پرڻ ۽ سرسو اهو سمورو ڪم ٽن مهينن جي رڪارڊ مدت ۾ احسن طريقي سان مڪمل ڪندي.

**سماجي تحرڪ:** ٻهراڙي جي غريب ماڻهن کي ٽن تنظيمي سطحن تي منظم ڪرڻ.

ٽن تنظيمي سطحن تي سماجي تحرڪ پيدا ڪرڻ

**لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن** (LSO) : مقامي سهڪاري تنظيم

- هي UC سطح جي تنظيم آهي جيڪا VOs گڏجي ٺاهيندي
- هن جا پنهنجا اڳواڻ، ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي ۽ جنرل باڊي هوندي.
- ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي: انهيءَ ۾ سمورن VOs جا اڳواڻ شامل هوندا.
- جنرل باڊي: انهيءَ ۾ سمورين VOs جا اڳواڻ شامل هوندا.
- لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن LSO ۾ سمورن ڳوٺن جي نمائندگي لازماً هوندي.

**ڳوٺاڻي تنظيم** Village Organization (VO) :

- هي ڪميونٽي جي تنظيمن COs جو اتحاد آهي.
- جنرل باڊي ۽ اڳواڻ: سمورين ڪميونٽي تنظيمن COs جا صدر ۽ مئنيجر هوندا.
- ڳوٺاڻي تنظيم VO ۾ سمورن محلن جي نمائندگي لازماً هوندي.
- COs جي ذريعي 100 غريب تر گهراڻن جي شموليت کي لازمي بڻايو ويندو.

**ڪميونٽي آرگنائيزيشن (CO) :**

- شراڪت داريءَ جي فلسفي تحت CO ۾ شامل باڊيءَ ۾ اڳواڻ ميمبر شامل هوندا.
- عورت ميمبرن جون COs جو بنياد وڌو ويندو.
- هرهڪ CO ۾ 15 کان 25 ميمبر شامل هوندا.

**انتهائي غريب .... (صرف غريب عورتن جي شموليت):**

- آمدني وڌائڻ لاءِ بنا وياج جي قرض يا غريب کان غريب تر ماڻهن کي ڪمائيءَ ۾ اضافي لاءِ امداد مهيا ڪرڻ.
- ڪمائيءَ جي ذريعن کي وڌائڻ لاءِ تنظيمي ميمبر جي ڪنهن به هڪ گهر ڀاتيءَ کي هنري سکيا ڏيارڻ.
- ڳوٺاڻي سطح تي اسڪيمن جو بنيادي مقصد ماڻهن کي رهڻ لاءِ گهٽ قيمت وارا گهر فراهم ڪرڻ آهي.
- **ڪميونٽي انويسٽمينٽ فنڊ (CIF) غريب عورتن جي شموليت:**
- ڳوٺاڻي تنظيم VO ڪميونٽي انويسٽمينٽ فنڊ تحت ننڍن قرضن جي فراهمي:

اهو مڃيو ويندو آهي ته غريب ماڻهن ۾ صلاحيت موجود هوندي آهي، ته هو پنهنجو ڪاروبار شروع ڪري سگهن، يا وري پنهنجي ڪاروبار کي وڌيڪ بهتر ڪري سگهن.

**پاڻ پرا گهراڻا :**

اهي گهراڻا جيڪي مچي مانيءَ لائق آهن، سي مختلف ترقياتي ڪمن ڪي عملي جامو پهرائڻ ۾ ڪامياب ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. اهڙي قسم جا گهراڻا ڳوناڻي سطح تي SRSO طرفان آچيل تنظيم سازيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿي سگهن ٿا ۽ ڳوناڻي تنظيمي سطح تي ڳوٺ يا پنهنجي علائقي جي هر قسم جي ترقياتي عمل جو هڪ مؤثر حصو بڻجي سگهن ٿا.

**ٻين سرڪاري ادارن سان رابطا :**

ڳوناڻي تنظيمن VOs جا ٻين سرڪاري ادارن سان رابطا انهيءَ جاڻ تحت وڌايا ويندا ته جيئن ٻين سرڪاري خدمتن، جهڙوڪ صحت ۽ تعليم جي رسائي ڪي انهن تائين ممڪن بڻائي سگهجي.

(ب) پيئڻ جي پاڻي، نڪاسي جي نظام، صحت ۽ تعليم سان گڏ ٻين موجوده سرڪاري ادارن جي ڪارڪردگيءَ ڪي بحال ڪرڻ ۽ انهيءَ حوالي سان اهي اسڪيمون متعارف ڪرائجن، جيڪي/جتي ممڪن هجن ۽ سرانجام ڏيئي سگهجن.

**پراجيڪٽ جي مدت :**

هي پراجيڪٽ پهرين مئي 2017 کان شروع ٿيو آهي ۽ 3 سالن تائين جاري رهندو.

**حاصل ٿيندڙ نتيجا :**

اهو اندازو لڳايو ويو آهي ته، هن پراجيڪٽ تحت لکين غريب گهراڻا، پنهنجي زندگيءَ ۾ پهريون دفعو اهڙا موقعا حاصل ڪندا، جن جي ذريعي هو هڪ جامع حڪمتِ عملي تحت پنهنجي صلاحيتن ڪي بهتر بڻائي هڪ بهتر ۽ روشن مستقبل ڏانهن وِکَ وڌائي سگهندا.

*

# ڪراچي ۾ هنرمند عورتن جي هٿن سان ٺاهيل سوَن جهڙين سوکڙين جي نمائش

رياض علي جلالاڻي
مئنيجر CED هيڊ آفيس سکر

چوندا آهن ته هنر بادشاهه آهي. ڪوبه غريب جيڪڏهن هنر جهڙي زيور سان آراسته آهي ته هو ڪڏهن به ڪنهن جي آڏو ڪيجهو ڪونه ٽيندو هن جا سوين سلامي هوندا.
هنر جي زور تي هو آمدني ڪمائيندي گهر، ڳوٺ ۽ ديس واسين جي خدمت ڪندو رهندو، بلڪ پنهنجا شاگرد پئدا ڪندي، غريب گهراڻن جا چلها ٻاريندڙ هوندو. هنر واري گُر سان ئي پنهنجو نالو روشن ڪندي ملڪ جي خدمت ڪندڙ هوندو.
اهڙي ئي هنر سان واڳيل، موتين جي ميڙاڪن ڪي عزت، شهرت ۽ ناموس ڏيارڻ لاءِ هر سال سرسو ادارو مختلف هنڌن تي نمائشون منعقد ڪرائيندو رهندو آهي ته جيئن سندن هنرن ڪي ميجتا ۽ ناماچاري ملي ۽ سندن جي روزگار ۾ اضافو ٿئي.
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائزيشن گذريل چئن سالن کان انهن هنرمند محنتي عورتن جي ٺاهيل هٿ جي شين ڪي ڪراچي جي اوشين شاپنگ مال ۾ نمائش لاءِ رکيو پئي اچي ته جيئن انهن عورتن جي مالي سهائتا ٿي سگهي ۽ گڏوگڏ هو هِن هٿ جي هنر ڪي بهتر کان بهتر نموني سان ڪنديون رهن ته جيئن سنڌ جي ثقافت به هميشه زنده رهي. انهيءَ سلسلي ڪي اڳتي وڌائيندي هن سال به 6 کان 8 جنوري 2017ع تي ڳوناڻين عورتن جي ٺاهيل هٿ جي شين ڪي نمائش لاءِ رکيو ويو. ٽن ڏينهن واري هن چوٿين سرتيون سنگ نمائش ۾ ڪراچي سميت سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ کان ماڻهو ائين کهي پهتا جڻ هنن جو ڪو پنهنجو ڪاج هجي. هن نمائشي ميلي ۾ ٻاهرين ملڪن کان





وزٽ تي آيل مهمانن پڻ گهري دلچسپي وٺندي ڪافي خريداري پڻ ڪئي. نمائش ۾ موجود عورتن ۽ هر ماڻهوءَ باقاعدا ان ڳالهه جو چٽو ثبوت ڏنو ته هو هنرمند عورتن جي ناهيل شين سان وڏو چاهه رکن ٿا ۽ انهن جو حد کان وڌيڪ قدر پڻ ڪن ٿا.

ان ڳالهه ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته سنڌ جو هر شهري پنهنجي فيمليءَ ڪي هر اها سرگرمي دل سان ڏيکارڻ گهري ٿو جنهن سرگرميءَ ۾ هنن کي سنڌ جي ثقافت نظر اچي ٿي. هن ميلي ۾ ڪراچيءَ جي هزارين ماڻهن نه صرف شرڪت ڪئي پر انهن ڀرپور نموني شين جي خريداري پڻ ڪئي.

هن سرتيون سنگ ميلي جي هڪ خاص ڳالهه اها هئي ته لوڪ فنڪارن، لوڪ گيت ۽ روايتي ثقافتي فن جو مظاهرو ڪري ميلي ۾ ايندڙ شهرين جي آجيان ڪئي، جنهن تي ڪافي ماڻهو پاڻ کي روڪي ڪونه سگهيا ۽ ميلي ۾ داخل ٿيندي ئي نچندا ۽ ڪڏندا رهيا.

ان موقعي تي ٻارن به وسان ڪونه گهٽايو انهن به نچڻ ڪڏڻ ۾ حصو ورتو "سرتيون سنگ" ميلي ۾ ڪراچي جي ڪنڊ ڪنڊ کان آيل معزز مهمانن سياسي سماجي شخصيتن ڀرپور شرڪت ڪئي سرتيون سنگ ميلي ۾ پنهنجو محنتون ۽ ڪاوشون ڏيندڙ دوستن کي اهڙو ميلو ڪراچيءَ ۾ رچائڻ تي تمام گهڻو ساراهيو ۽ آئنده به اهڙا پروگرام منعقد ڪرائڻ تي زور ڀريو. ۽ چيو ته اڃان ڪافي سارن ماڻهن کي خبر ڪونه پئي آهي ته ڪو هي ميلو لڳو آهي، ۽ جي خبر پئي به ته ٿي ڏينهن ڪافي ٿورا آهن انهن کي وڌايو وڃي ته بهتر ٿيندو. ۽ سنڌ جي هن هنر کي



ٻاهرين ملڪن ۾ نمائش ۽ وڪري لاءِ ڪٽي وڃجي ته وڌيڪ بهتر ٿيندو. ان سان هڪ ته غريب عورتن جي مالي سهائتا ٿيندي ۽ ٻيو سنڌ جي هن هٿ جي هنري ثقافت جي مشهوري پڻ ٿيندي.

ميلي ۾ خريداري ڪندڙ هنرمند ڪاريگر عورتن جا ڪارڊ پاڻ گهري ورتا بلڪ سرسو پاران قائم ڪيل هن هن ثقافتي نمائش ۾ ”فيڊ بيڪ ڊيسڪ“ تي وڃي پنهنجا تاثر، رايا ۽ صلاحون پڻ ڏنيون.

هن ٽي روزه سرتيون سنگ ميلي ۾ جيڪو KTN, OCEAN MALL, “hotfm **105**” JS BANK”, “SINDH BANK”, “JUBLILEE INSURANCE”, “ALLIED BANK”, “UBL BANK”, “SITKO”, “Sindh Enterprise Development” جي اشتراڪ سان نه صرف هنرمند عورتن جي هنر کي ميڄتا ملي، گڏوگڏ سندن بهتر ڪاروباري رابطن ۾ پڻ هڪ مضبوط رابطو قائم ٿيو.

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن هڪ ٻيرو ٻيهر ڪوشش ڪئي ته ٻهراڙين جي هنن هنرمند عورتن جي هٿ سان ٺاهيل شين کي ڪراچي جي ٻين وڏين مارڪيٽن تائين پهچائجي ته جيئن هنن هنرمند عورتن جي وڌيڪ مالي سهائتا ٿي سگهي، انهيءَ سلسلي ۾ جڏهن ڊولمن مال ڪلفٽن ڪراچي جي انتظاميه سان رابطو ڪيو ويو ۽ ڪين هنن غريب عورتن جي هنر بابت ٻڌايو ته ڊولمن مال جي انتظامينه ان ڳالهه تي جلدي آماده ٿي وئي ۽ چيائون ته اسين سرسو کي شاپنگ مال ۾ جڳهه ڏيون ٿا. اهڙي طرح هڪ ٻيرو ٻيهر سرتيون سنگ ڪرافٽس فيسٽيول جي نالي سان ڪراچي ۾ 7-5 مئي 2017ع تي ميلو مچايو ويو. جنهن جو افتتاح عورتن جي ڀلائي واري کاتي جي خاص صلاحڪار ارم خالد پنهنجي هٿن سان ڪيو. ميلي ۾ شهرين ڪانسواءِ



پرڏيهي مهمانن هٿ سان ٺاهيل گهريلو شين اجرڪ، ڪڙتا، بلوچي گج، سنڌي ٽوپيون، بيڊ شيٽون، روا، رليون، فرنيچر، ڊيڪوريشن پيسز خالص چمڙي مان تيار ٿيل هينڊ بيگ ۽ ٻين ثقافتي شين ۾ گهري دلچسپي ورتي. ان موقعي تي مقامي فنڪارن ثقافتي گيتن تي جهمريون هڻندي ڏسندڙن کان خوب داد حاصل ڪيو. ان موقعي تي شهرين جو چوڻ هو ته اهڙي قسم جا ثقافتي ميلا مستقل بنيادن تي ٿيڻ گهرجن ته جيئن ڳوٺاڻي هنرمند عورتن جي هنر کي هٿي ملي ۽ آمدني ڪمائيندي هو بااختيار ٿي سگهن. عورتن جي ڀلائي واري وزارت جي خاص معاون ارم خالد چيو ته سنڌ حڪومت سرسو جو قيام ان ڪري وڌو ته جيئن هو ٻهراڙين مان غربت ختم ڪرائيندي هنرمند عورتن کي بااختيار بڻائي. اهڙي طرح جيڪب آباد، ڪنڌڪوٽ ڪشمور، شڪارپور، گهوٽڪي، سکر، لاڙڪاڻو، خيرپور، قمبر شهدادڪوٽ، نوشهروفيروز ۽ شهيد بينظيرآباد ضلعن ۾ غربت کي گهٽائڻ جا مختلف پروگرام هلي رهيا آهن. جن ذريعي عورتن کي بااختيار بڻائيندي حقيقي تبديلي آڻي سگهجي ٿي. سرسو جي اڳواڻ محمد ڏتل ڪلهوڙي چيو ته هن پروگرام تحت ٻهراڙي جي هزارين عورتن کي هنري سطح جون تربيتون پڻ ڏنيون ويون آهن.

# جياپو بهتر بڻائڻ لاءِ بزرگن کي بااختيار بنائڻ واري منصوبي (HAI) جون ڪاميابيون

محمد رفيق سومرو
پروجيڪٽ ڪوآرڊينيٽر
HAI جيڪب آباد - شڪارپور

هڪ اندازي مطابق دنيا ۾ بزرگ ماڻهن جي آبادي 11.22% آهي، جيڪا 2050ع تائين 22% ٿي ويندي. ٻين لفظن ۾ عمر رسيده (60 سالن کان وڌيڪ عمر) ماڻهن جو تعداد 605 ملين کان وڌي ڪري تقريباً 2 ارب ٿي ويندو. انساني همدردي واري امداد جي هڪ فيصد کان به گهٽ حصو انهن جي ضرورتن جو پورائو ڪري ٿو.

پاڪستان ۾ تقريباً 11.69 ملين عمر رسيده ماڻهو پنهنجي زندگي گذارين پيا. ۽ 2050ع تائين بزرگ ماڻهن جو تعداد وڌي ڪري 433 ملين ٿي ويندو جيڪو پاڪستان جي ڪل آبادي جو 15% سيڪڙو آهي. سنڌ جي ڪل آبادي جو 33% غربت جي لڪير کان به هيٺ زندگي گذاري رهيو آهي. وڌندڙ غربت معاشري جي ٻين فردن سان گڏ بزرگ ماڻهن لاءِ به وڏو چئلينج آهي.

سرسو - هيلپ ايج اتر سنڌ جي ٻن پنتي پيل ضلعن جيڪب آباد ۽ شڪارپور ۾ بزرگ ماڻهن لاءِ ڪم ڪري رهي آهي. موسم جي لحاظ کان ٻئي ضلعا گرم ليکيا وڃن ٿا. ۽ هتي جي ماڻهن جو گذرسفر کيتي واڙي (زراعت) ۽ چوپائي مال تي آهي. مکيه فصلن ۾ سارين ۽ ڪڻڪ اُپايا وڃن ٿا. پر زرعي معلومات گهٽ هجڻ ڪري زراعت مان ڀرپور لاڀ حاصل ڪري نه ٿو سگهجي.

ٻئي ضلعا اڪثر ڪري موسمي بارشن ۽ ٻوڏ جي لپيٽ ۾ اچي وڃن ٿا. اهوئي سبب آهي جو سال 2010، 2011 ۽ 2012 وارين ٻوڏن وڏي پئماني تي هنن ضلعن ۾ تباهي آندي. جنهن جا اثر اينڊڙ ڪيترن ئي سالن تائين رهندا. دريائي وهڪرن ۽ بارشن ۾ فصل، گهر، روڊ رستا ۽ چوپايو مال بُري طرح متاثر ٿيا ۽ انساني زندگي مفلوج بڻجي وئي.



سرسو - هيلپ ايج انٽرنيشنل پاڪستان سان گڏجي سنڌ جي ٻن ضلعن جيڪب آباد ۽ شڪارپور ۾ 2010ع کان ڪم ڪري رهيا آهن. جنهن تحت بزرگن جي زندگين کي ڀاڳ ڀرو ۽ ڪارآمد بڻائڻ آهي. انهيءَ عرصي دؤران هيٺيان ڪم سرانجام ڏنا ويا آهن:

1. بزرگن کي منظم ڪري 107 بزرگ دوست تنظيمن ۾ 5000 هزارن کان وڌيڪ بزرگ ۽ معذورن کي منظم ۽ متحد ڪيو ويو آهي. هر بزرگ دوست تنظيم ۾ گهٽ ۾ گهٽ 50 بزرگن جي ميمبرشپ آهي ۽ 52 سيڪڙو بزرگ عورتون شامل آهن. اها هڪ خوش آئينده ڳالهه آهي ته 11 سيڪڙو بزرگ عورتون ۽ 3 سيڪڙو معذور انهن تنظيمن ۾ اڳواڻ طور ڪم ڪري رهيا آهن.

2. بزرگ دوست تنظيمن جا ضلعي سطح تي نيٽ ورڪ جوڙيا ويا آهن ته جيئن اهي بزرگن ۽ معذورن جي حقن کي وڌيڪ اجاگر ڪن، انهيءَ سلسلي ۾ بزرگن جي صلاحيتن ۾ اضافو ڪرڻ لاءِ پيروڪاري، تنظيمي انتظام ڪاري انگ اکر گڏ ڪرڻ جهڙن موضوعن تي تربيتون ڪرايون ويون آهن. جنهن ۾ 107 بزرگ دوست تنظيمن جي 483 ميمبرن شرڪت ڪئي يقيني بڻايو ويو آهي. انهيءَ ڪان علاوه سرڪاري ادارن سان گڏجي 200 بزرگن کي منصوبه سازي ۽ نگرانيءَ جون تربيتون ڪرايون ويون آهن. انهن تربيتن جي نتيجي طور بزرگ دوست تنظيمن "سينيئر سٽيزن ويلفيئر بل" تي سنڌ اسيمبليءَ مان پاس ڪرائڻ لاءِ زبردست پيروڪاري مهم هلائي جنهن ۾ هنن ضلعي جي چونڊيل نمائندن ۽ سرڪاري ادارن جي عملدارن سان ملاقاتون ڪري سينيئر سٽيزن ويلفيئر بل پاس ڪرائڻ لاءِ مدد گهري، نتيجي ۾ 29 اپريل 2017ع تي سنڌ جي صوبائي اسيمبلي انهيءَ بل کي پاس ڪيو. ۽ اڳتي هلي سوشل ويلفيئر ڊپارٽمينٽ حڪومت سنڌ سان پيروڪاري جي نتيجي ۾ سينيئر سٽيزن ويلفيئر ڪائونسل قائم ڪئي وئي. سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن انهيءَ ڪائونسل جي ميمبر پڻ آهي.

انهيءَ کان علاوه انهن وڪالتي سرگرمين ذريعي لاڳاپيل ادارن کي ڳوٺ جي ترقي لاءِ 42 مختلف جي اسڪيمن لاءِ منصوبه جمع ڪرايا ويا آهن، جنهن مان 3 منصوبا مقامي سطح جي سرڪاري ادارن منظور ڪري ورتا آهن جنهن ۾ ٻن اسڪول جي عمارتن جي مرمت ۽ هڪ روڊ جي تعمير شامل آهي.




3. بزرگن ۽ معذور ماڻهن جي آمدني جي محفوظ ذريعن تائين پهچ کي وڌائڻ لاءِ پيرا ليگل سپورٽ سروس مهيا ڪئي وئي آهي جنهن تحت 150 ڪان مٿي پيرا ليگل کي تربيتون ڏنيون ويون آهن. بزرگن جي مدد لاءِ ڳوٺاڻي سطح تي موجودگيءَ کي يقيني بڻايو ويو آهي، انهيءَ پيرا ليگل سپورٽ سروس کي بزرگن تائين مؤثر انداز تائين وڌائڻ لاءِ ڊسٽرڪٽ پيرا ليگل نيٽ ورڪ جوڙيا ويا آهن جنهن ۾ بزرگن جا ضلعي نيٽ ورڪ ۽ مقامي سطح تي ڪم ڪندڙ انساني حقن جون تنظيمون ۽ وڪيل شامل آهن. انهيءَ ڪوشش جي نتيجي ۾ 574 بزرگن کي سماجي تحفظ جي ادارن کان وظيفه ڏيارايا ويا آهن. جنهن ۾ سرفهرست بينظير انڪم سپورٽ ڪارڊ، عشر و زڪوات، "هدايه ٽرسٽ" ڪان مدد شامل آهي. سماجي تحفظ حاصل ڪندڙ 82 سيڪڙو بزرگ عورتون آهن.

4. بزرگن ۽ معذور ماڻهن جي ننڍي سطح تي قرض اسڪيمن تائين رسائي کي ممڪن بڻايو ويو آهي. ۽ حڪومتي پاليسي ساز ادارن سان پيروڪاري ڪري 789 بزرگن ۽ معذور ماڻهن کي 15000 ڪان 25000 هزارن تائين جي ننڍي سطح تي ڪاروبار ڪرڻ لاءِ آسان قرض ڏنا ويا آهن. انهيءَ ڪان علاوه مال مويشيءَ لاءِ 80 سيڪڙو قرض فراهم ڪيا ويا آهن. ۽ ننڍا قرض وٺندڙ بزرگ سرسو جي هيلٿ پاليسي ۾ پڻ شامل آهن.

5. لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن LSOs، سرڪاري ۽ نجي ادارن جي اڳواڻن سان لاڳاپيل مضبوط ڪرايا ويا آهن ته جيئن هنن بزرگ ۽ معذور ماڻهن کي پنهنجين سرگرمين ۾ شامل ڪري ڪين عزت جي نگاهه سان ڏسن.

انهيءَ سلسلي ۾ دوست تنظيمن جا اڳواڻ، 19 پارليامينٽرين، 99 سرڪاري ادارن ۽ 16 مقامي چونڊيل نمائندن سان ملاقاتون ڪري پنهنجون گذارشون جمع ڪرايون آهن. جنهن جي نتيجي ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ۾ هڪ پاليسي جوڙي وئي آهي تہ جيڪي بزرگ غربت جي اسڪور 20 تائين اچن ٿا ۽ انهن جي عمر 60 سال آهي. اهڙا بزرگ هن پروگرام ۾ شامل ٿي سگهن ٿا. انهيءَ کان علاوه جوبلي انشورنس ڪمپني جيڪا سرسو سان گڏجي ڪم ڪري آهي. صحت انشورنس پاليسي تحت 65 سالن تائين جي عمر وارن ماڻهن ان پاليسي ۾ شامل ڪيو ويو آهي. ۽ اسٽيٽ بينڪ آف پاڪستان بہ هڪ حڪم نامي ذريعي بئنڪن کي هدايت ڪئي آهي تہ بزرگن کي بئنڪن جي معاملن ۽ ATM ڪارڊ جاري ڪرڻ ۾ مدد فراهم ڪن. مقامي سطح تي ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور پنهنجي آفيس ۾ بزرگن جي مسئلن جي حل لاءِ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر کي وڏي عمر جي ماڻهن لاءِ فوڪل پرسن مقرر ڪيو آهي.

6. بزرگ ۽ معذور ماڻهن جي روزگار، معاشي ۽ سماجي ڪردار کي مضبوط ڪرڻ لاءِ عمر دوست روزگار جي ذريعن جس متعلق تربيتون ڪرايون ويون آهن. ۽ 1499 بزرگن ۽ معذور ماڻهن کي ڪڪڙيون پالڻ، زراعت ۽ مال مويشي جي انتظام ڪاري، گهريلو سطح تي سبزيون پوکڻ ۽ بچت لاءِ تربيتون ڏياريون ويون آهن. ۽ گڏوگڏ 454 بزرگ عورتن کي 12 عدد ڪڪڙين جا يونٽ پڻ ڏنا ويا آهن. گهريلو سطح تي سبزين پوکڻ واري ڪرت کي فروغ ڏيندي 302 بزرگن کي 6 قسمن جا سبزين جا ٻج ۽ زمين کيڙڻ جا اوزار ڏنا ويا تہ جيئن هي بزرگ روزگار بہ ڪري سگهن ۽ تازيون سبزيون استعمال ڪري پنهنجي صحت کي بہ بهتر ڪري سگهن. انهيءَ کان علاوه سرسو هيلپ ايج انٽرنيشنل صوبائي سطح تي سرڪاري ۽ پارليامينٽرين سان وڪالتي سرگرميون پڻ ڪري چڪي آهي. انهيءَ سلسلي ۾ ڪراچيءَ ۾ پارليامينٽرين سان سوشل ويلفيئر ڊپارٽمينٽ جي سهڪار سان بہ ورڪشاپ ڪرايا ويا جنهن ۾ بزرگن جي حقن ۽ انهن کي سماجي تحفظ جي حصول جي حوالي سان وڪالتي سرگرميون ڪيون ويون.



7. منصوبي تحت معلوماتي مواد (ڪئلينڊر، سماجي تحفظ متعلق معلوماتي ڪتابچو) بہ شايع ڪرايو ويو تہ جيئن بزرگن جي حقن کي سمجهڻ ۾ آساني ٿي سگهي.
8. 130 گهراڻن کي ليمن جا وڻ ڏنا ويا آهن.
9. بزرگ ماڻهن جا ٻنهي ضلعن ۾ اکين جا (موتي پاڻي) جا مفت آپريشن ڪرايا ويا آهن ۽ نظر گهٽ وارن بزرگن کي ضرورت مطابق چشما پڻ فراهم ڪيا ويا آهن.
10. بزرگن جي تنظيمن موسمياتي تبديلين کي منهن ڏيڻ جي عزم خاطر 55000 هزار وڻ لڳا آهن.
11. بزرگ هاڻ پاڻ پرو ٿيندي پنهنجن مسئلن کي خود حل ڪرائڻ لاءِ پنهنجي تڪ جي MNA ۽ MPA سان ملي رهيا آهن. هو ضلعي جي DCs سان بہ ملاقاتون ڪري رهيا آهن.

سرسو - هيلپ ايج جي لاڳيتو ڪم ڪرڻ جي بدولت بزرگن کي مانُ ۽ آواز پڻ مليو آهي. سندن ڪيل ڪم کي هاڻ مڃتا ملي رهي آهي. منظم بزرگ هاڻ پنهنجي اولاد ۽ ٻين جي آڏو هٿ ڪونہ ٿا ٽنگين ۽ پنهنجي آمدني پاڻ ڪمائيندي پنهنجا خرچ پکا پورا ڪري رهيا آهن.

اهڙن ڏاهن، سياڻپ سان پنهنجن گهراڻن کي محنت جي دڳ تي لاتو آهي. جنهن سان گهراڻن مان غربت ختم ٿيڻ جا چٽا امڪان نظر اچي رهيا آهن.

# هيلٿ انشورنس پاليسيءَ بچائي نئين زندگي

لالڻ ڏهر
متحرڪ ڪارڪن
LSO خوشحال نيٽ ورڪ شڪارپور

سنڌ جي ٻهراڙين ۾ وچولي طبقي سان تعلق رکندڙ ماڻهن جو انگ وڏي تعداد ۾ موجود آهي جيڪو صرف ”اٽين ۽ چاڙهين“ (Hand to Mouth) تائين محدود آهي. ان وچولي طبقي کي اوچتي ڪنهن به قسم جي اڻ وڻندڙ واقعي کي منهن ڏيڻ جي سگهه گهٽ هوندي آهي، پر جيڪڏهن خدا نه ڪري ڪو اڻ وڻندڙ واقعو ٿي پوي ته پوءِ اهو سڄو خاندان / گهراڻو غربت جي لڪير کان به هيٺ واري زندگي گذارڻ تي مجبور ٿي ويندو آهي.

جيئن ته سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن هميشه اهڙين غريب ماڻهن جي ڀلائي ۽ سهائتا لاءِ پاڻ پتوڙيندي رهي آهي. انهيءَ سلسلي تحت غريب ماڻهن سان ٻهراڙين ۾ گهر گهر وڃي ڪري هيٺِ پٽ تي ويهي سندن ڏک ۽ تڪليفون معلوم ڪرڻ ۽ ڪين تنظيمي سطح تي منظم ڪرڻ لاءِ گڏجاڻيون منعقد ڪيون وينديون آهن ته جيئن انهن جي زندگين کي غربت کان آجو ڪجي ۽ انهن ۾ لڪيل صلاحيت کي اجاگر ڪرڻ ۽ سنوارڻ لاءِ گڏجي صلاح مشورا ڪيا ويندا آهن ته هو پنهنجي زندگي بهتر انداز سان گذارڻ لاءِ ڇا ڪري سگهن ٿا ؟.

سرسو صحت جهڙي سهولت کي ٻهراڙين ۾ رهندڙ غريب عورتن جي گهر جي چائنٺ تائين پهچائڻ ۽ سندن تڪليفن کي ڪجهه گهٽ ڪرڻ لاءِ انشورنس پاليسي تي عمل درآمد ڪرائڻ ۾ ڏينهن رات ڪوششون وٺي رهي آهي. انهيءَ سلسلي ۾ غريب عورتن کي منظم ڪندي انهن گهراڻن جي صحت، ويم ۽ علاج جهڙي نعمت مهيا ڪرڻ لاءِ تنظيمن ۾ شامل عورتن جي انشورنس ڪرائيندي ڪين انشورنس ڪارڊ مهيا ڪيا ويا آهن، ته جيئن ويم ۽ بيماري جي حالت ۾ اهي غريب عورتون صرف ڪارڊ ڏيکاري اسپتال ۾ داخلا وٺي سگهن ۽ پنهنجو علاج سرسو پاليسي تحت هڪ حد تائين مفت ڪرائي سگهن.

انهيءَ صحت پاليسي مان فائدو حاصل ڪندڙ شڪارپور ضلعي جي ڳوٺ ”ٻيجلو“ يونين ڪائونسل طيب جي رهواسڻ مسمات حاڪم به آهي. هوءَ پاڙي سطح جي تنظيم ”ارم“ جي ميمبر آهي. سندس چوڻ موجب ته هن وقت مون کي چار ٻارڙا آهن، اڳ غربت سبب مون کي ٽن ٻارڙن سان ويم دوران ڪافي تڪليف برادشت ڪرڻي پئي، پر تڪليف سَهڻ جي به ڪا حد هوندي آهي، چوته ٻهراڙي ۾ هڪ ته غربت ۽ ٻيو وري خوراڪ گهٽ.

هن ٻڌايو: ”جڏهن مان چوٿين ٻار جي اُميد سان ٿيس ته مان پريشان ٿي ويس ته هاڻي ڇا ٿيندو؟. هڪ ڏينهن تنظيم جي گڏجاڻيءَ ۾ مون کي ساٿي ميمبر ٻڌايو ته تنهنجي ته سرسو ۾ صحت جي انشورنس ٿيل آهي تون پريشان نه ٿي. مون کي يقين ڪونه پئي آيو پر پوءِ مون کي ڪجهه تسلي ٿي چوته منهنجو مڙس گڏهه گاڏو هلائيندو آهي ۽ ايتري رقم مَس ڪمائيندو آهي جو گهر جو چُلهو ٻاري سگهون“.



مسمات حاڪم ٻڌايو ته ”سندس گهر ڪچو پڪو آهي جيڪو پڻ سرسو جي سهڪار سان ٺهي مليو نه ته اسان غريبن کي گهر ٺهرائڻ جيتري به سَگهه نه آهي. پهريان جڏهن مان سرسو پاران جوڙيل تنظيم جي ميمبر ٿيس ته مان سرسو کان

پھريون قرض -/8,000 اٺ هزار روپيه ورتو، جنهن مان مون هڪ ننڍي وچير ورتي هُئي. ان کي مون پاليو جيڪا اڄ وڏي مينهن ٿي وئي آهي، اها به سرسو جي مهرباني جنهن مون مسڪين کي پنهنجي مال جو مالڪ بڻايو“.

مسمات حاڪم وڏيڪ ٻڌايو ته اسان جي ڳوٺن ۾ پهريان ڪيترين ئي عورتون پيٽ سان ٿيڻ ڪان پوءِ اڪثر پريشان رهنديون هيون ڇوته ٻهراڙي ۾ غربت آهي ۽ ايترا وسيلا به نه هئا جو بچت ڪري سگهجي. پوءِ چونديون هيون ته ويم وقت الائي ڇا ٿيندو؟ ڇاڪاڻ هو اڳ پنهنجي اکين سان ڏسي چڪيون هيون ته غربت سبب اسپتال تائين پهچڻ ممڪن ناهي ۽ پوءِ اڪثر عورتون ڳوٺ جي اڻ ڄاڻ داين جي هٿان ويم ڪرائڻ تي مجبور ٿي پونديون هيون ۽ ڪيترين ئي عورتن کي تمام گهڻي تڪليف ٿيندو هُئي ۽ ڪافي نقصان به ٿيندو هيو.

پهريان ته هتان جي ٻهراڙي جي عورت کي ايتري اهميت به نه ڏني ويندي هُئي، توڙي جو هو پيٽ پرئي سان چوڻ هجن پر ڪين سڄو سڄو ڏينهن زمين تي ڪم ڪرڻو پوندو هو.

سرسو جي تنظيم سازي ڪان پوءِ ٻهراڙي ۾ هڪ ته عورت جي عزت ۽ اهميت وڌي آهي ۽ ان جو قدر به ٿي رهيو آهي ۽ خاص ڪري سرسو جي جيڪا انشورنس پاليسي متعارف ڪرائي وئي آهي ان مان ته عورتن کي تمام گهڻو فائدو پهتو آهي ۽ ڪيترين حياتيون به بچي ويون آهن.

مسمات حاڪم چيو ته مان هن چوٿين ٻار سان وڏي تڪليف ۾ هئس ۽ گهر ۾ رقم به ايتري موجود نه هئي جو مان شهر ۾ ڪنهن ڊاڪٽرياڻي تائين پهچي سگهان، مان سمجهان پئي ته هن ڀير مان ڪونه بچندس. پر جڏهن منهنجو خيال سرسو پاران ڏنل صحت پاليسي ڪارڊ تي پيو ته مون جلدي اهو پاليسيءَ وارو ڪارڊ ڳولهي هٿ ڪيم، ۽ هڪ ڏينهن مون کي تڪليف ٿي ته مون اسان جي LSO جي محنتي ڪارڪن ۽ خزانچي ”رخسانه“ سان رابطو ڪيو جيڪا مون کي سکر وٺي هلي ۽ مون کي بلڊ بئنڪ اسپتال ۾ ڊاڪٽرياڻي ڪان چيڪ اپ ڪرايو. جنهن چيو ته اڄ ئي ويم ٿيندو توهان جلدي پئسن جو بندوبست ڪيو. اسان هن کي سرسو وارو صحت پاليسي ڪارڊ ڏيکاريو ۽ پوءِ اسپتال عملي اسان کي ان ڪارڊ تحت اسپتال ۾ داخل ڪيو ۽ انهيءَ ئي ڏينهن منهنجي ڊليوري ٿي. ٻه ٽي ڏينهن اسپتال ۾ رهڻ ڪان پوءِ گهر آيس. شڪر الله پاڪ جو انهيءَ صحت پاليسي ڪري مون کي ڏاڍي خوشي ٿي ۽ مان غريب -/15,000 هزار روپين جيتري وڏي رقم ڀرڻ ڪان بچي ويس ۽ مون کي هڪ نئين زندگي به الله پاڪ عطا ڪئي.

اسان غريب عورتن کي تمام گهڻي خوشي آهي ۽ اسين محسوس ڪيون ٿيون ته سرسو اسان جو پنهنجو ادارو آهي شڪر آهي الله پاڪ جو ۽ مهرباني آهي سرسو اداري جي سمورين پاليسين جي ۽ خاص ڪري صحت پاليسي ڏيڻ جي. ايئن هميشه سرسو اهڙي مدد سموري سنڌ جي ٻهراڙين ۾ سيني غريب عورتن جي ڪندو رهي ۽ اميد آهي ته هاڻي صحت پاليسي مان هر غريب عورت ضرور فائدو حاصل ڪندي.

*

# نئين انقلاب جي شروعات

بابر جاگيراڻي
مانيٽرنگ آفيسر MER جيڪب آباد

جيڪي ماڻهو وقت سر پنهنجا درست فيصلا ڪن ٿا ۽ وقت کي پنهنجي طاقت بنائڻ لاءِ پاڻ ۾ متحد ٿي، ايڪو ٻڌي ڪري تعليم ۽ هنر جي مختلف شعبن ۾ پاڻ اڳتي وڌن ٿا ۽ محنت کي پنهنجي انقلابن جو هٿيار بڻائين ٿا اهي ئي ڪامياب ۽ سوڀارا ٿين ٿا. حقيقي ترقي ۽ سوڀ جو اهو رستو ئي مانائتو آهي جيڪو ان کي اختيار ڪري اهو ئي ان جو مالڪ بڻجندو. اهو ئي قدرت جو به قانون آهي. اهڙي ئي وقت جي نزاڪت کي ڏسندي هڪ ڪوشش ڪئي آهي سرسو اداري ۽ لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن ايمان.



لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن ايمان يونين ڪائونسل نل نئون تعلقو نل ضلعو جيڪب آباد انهن عورتن جي نمايان تنظيم آهي. جيڪا ڪميونٽي آرگنائيزيشن COs ۽ وليج آرگنائيزيش VOs جي ٻج مان ڦٽي وڻ ٿيو آهي. جنهن جي ڇانو ۽ ميوو سمورين سلهاڙيل عورتن (ميمبرن) کي سولائي سان ميسر آهي. پنهنجي يونين ڪائونسل ۾ صحت، تعليم، رستا، هنري سکيا، بغير وياج جي قرض CIF ذريعي روزگار جي موقعن کان ويندي برٿ سرٽيفڪيٽ، بينظير انڪم سپورٽ ڪارڊ ۽ شناختي ڪارڊن تائين هر ڪم ۾ مڙني عورتن جي عملي معاونت ڪري جيڪب آباد جي ٻهراڙي جي عورتن هڪ نرالي انقلاب کي جنم ڏنو آهي. جيئن ته جيڪب آباد ضلعي ۾ سرسو - سنڌ حڪومت GoS جي مالي سهڪار سان يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽايو پروگرام UCBPRP جي عنصر هيٺ 2010 کان ڪم شروع ڪيو. جيڪو ٻهراڙي وارن علائقن جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ اڃان تائين جاري آهي. جيئن ته ضلعي جيڪب آباد اندر سمورين ايل ايس اوز LSOs جي ڪارڪردگي پڻ واکاڻ جي لائق آهي.

پر لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن ايمان يونين ڪائونسل نل نئون جون ڳوٺاڻيون عورتون جيڪي سموري حياتي هارياڻيون رهيون آهن. اهي عورتون هاڻ پاڙن، ڳوٺن ۽ يونين ڪائونسل سطح جي تنظيم سان سلهاڙجي هڪ نئين قوت بڻجي ابري آهي. جيڪي پنهنجي ڳوٺن جا صحت، تعليم ۽ غربت جهڙي سنگين مسئلن کي پاڻ ۾ گڏيل صلاح مشورن سان گهٽتائي آڻڻ لاءِ ڪوششون وٺي رهيون آهن. جيئن ته ايل ايس او "ايمان" جو بزنس ڊولپمينٽ گروپ BDG ڳوٺ بودلو پٽي غريب عورتن جو گروپ آهي جيڪو پنهنجي محنت ۽ جفاڪشي سبب ڪافي مشهور آهي.



جنهن جي اڳواڻ مسمات سومري پٽي، پاڪستان ۾ ٿيندڙ هٿ جي هنر جي هر ننڍي وڏي نمائش ۾ پنهنجي BDG گروپ جي هٿ جي پورهئي سان ٺاهيل مختلف قسم جو سامان، ڪپڙا ۽ رليون وغيره جي کپت لکن روپين ۾ هوندي آهي. اها پڻ وڏي ڪاميابي آهي جنهن ذريعي ايل ايس او (LSO) ايمان جي هنرمند عورتن گڏجي هڪ صلاح سان جدوجهد ڪري هنري گروپ ۾ پنهنجو هڪ الڳ مقام

ناهيو آهي. هاڻي ايل ايس او ايمان جي جاکوڙي عورتن سرسو SRSO سان گڏجي پهريون ڀيرو جيڪب آباد ۾ ليز Lease تي زمين وٺي سارين جي فصل جو آزمائشي پروجيڪٽ شروع ڪيو آهي. هن پروجيڪٽ تحت مقامي زميندار کان 50 جريب (25 ايڪڙ) زمين مقاطي طور وٺي چانئڻ جي زرعي ماهرن کان زمين جي چڪاس ڪرائي هاءِ برڊ ٻج Hybrid Seed پوکرايو آهي. سموري ايل ايس او جي عهديدارن گڏيل راءِ سان اهو فيصلو ڪيو آهي ته هو هاءِ برڊ سارين جي ٻج جو آزمائشي پروجيڪٽ ضرور آزمائيندا ۽ هن ڪم ۾ به هو سرخرو ٿيندين. زمين کي بهترين تيار ڪندي ان جي سٺي سنوت ڪئي وئي. ان ۾ سفارش ڪيل پاڻ وڌو ويو ٻيجاري لاءِ الڳ نرسري ناهي وئي جنهن ۾ وٽاڻ جو پاڻ ڪک، پن ساڙي ٻج ڇٽيو ويو. هن پروجيڪٽ تي جديد زراعت وارا طور طريقا استعمال ڪيا ويا آهن.



ان دوران نيشنل رورل سپورٽ پروگرام جي چيف ايگزيڪيٽو آفيسر راشد باجوا ۽ سرسو جي چيف ايگزيڪيٽو آفيسر محمد ڏتل ڪلهوڙي ڀڻ زمين جو معائنو ڪيو ۽ ايل ايس او ايمان جي عورتن پاران شروع ڪيل هن سارين جي فصل جي پروجيڪٽ جي واکاڻ ڪئي. جئين ئي ٻج روئبي لاءِ تيار ٿيو ته پنهنجي مدد پاڻ تحت ايل ايس او جي ميمبرن ۽ ڳوٺاڻن گڏجي سڏجي روئبي وارو مرحلو ڀڻ پورو ڪيو آهي. هاڻي فصل ڀڻ بهترين نظر اچي رهيو آهي. فصل مان گندگاهه ڪڍيو ٿو وڃي ۽ ان ۾ تازو پاڻي ڏيندي، پراڻي گرم پاڻي جو نيڪاس ڪيو ٿو وڃي، جنهن جي روزاني بنيادن تي ايل ايس او ميمبرز نگراني ڀڻ ڪن ٿيون ۽ هو هن فصل مان ڀرپور لاڀ حاصل ڪرڻ لاءِ پُراميد آهن. ايل ايس او ايمان جي چيئرپرسن LSO Chairperson سومري ڀٽيءَ ٻڌايو ته جيڪب آباد جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ڳوٺاڻن، هارياڻن عورتن زميندار طور فصل پوکرايو آهي، اسان وٽ الفاظ ناهن ته اسان پنهنجا احساس بيان ڪري سگهون. تمام ٿوري عرصي ۾ جيڪب آباد جهڙي جاگيرداري نظام واري ضلعي منجهه عورتن جي هارپي مان زمينداري ۾ تبديلي ڪنهن معجزي کان گهٽ ناهي. جيئن ته اهو ئي خواب ڪٽي حڪومت سنڌ (GoS) ۽ سرسو (SRSO) اسان ڳوٺاڻين عورتن تي ڀروسو ڪري يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽايو پروگرام UCBPRP جي شروعات ڪئي ۽ اسان کي سگهارو بڻايو آهي. هن پر اميد لهجي ۾ ٻڌايو ته هي هائبرڊ سارين جي فصل وارو آزمائشي پروجيڪٽ ضرور ڪامياب ٿيندو. سماجي تحرڪ جي روح کي ڇهندي LSO ايمان ان پروجيڪٽ مان آمدني ڪمائيندو، غربت جي خاتمي طرف وک وڌائيندي عورتون پنهنجي پيرن تي بيهنديون. ۽ ميمبر عورتن جي آمدني ۾ اضافو ٿيندو. هن ڪنيل قدم تي سموريون LSO جيڪڏهن عمل پيرا ٿين ته هيٺيان فائدا حاصل ڪري سگهن ٿا.

1. LSOs جي ميمبرن عورتن جي آمدني وڌندي.
2. زراعت ۾ جديد ٽيڪنالاجي متعارف ٿيندي.
3. ڪميونٽي لاءِ روزگار جا نوان موقعا کلندا.
4. گڏجي سڏجي LSO رعايتي نرخن تي ٻج پاڻ ۽ زرعي دوائون وٺي سگهنديون.
5. سيئي LSO زرعي اناج ڪٺو ڪري سٺي اگهه تي وڪرو ڪري سگهنديون.
6. LSOs هڪ گودام حاصل ڪندي سارين مان چانور ناهي. جهجهو ناڻو ڪمائي سگهنديون.
7. تنظيمون ٻج پاڻ ۽ زرعي دوائن جون ايجنسيون حاصل ڪندي پنهنجي ميمبرن کي Whole Sale وارو رعايتي اگهه ڏئي سگهنديون.
8. سيئي تنظيمون هڪ سيلر ڪرائي تي ڪٽي ڪاروباري دنيا ۾ وک وجهي سگهن ٿيون. جنهن جي نتيجي ۾ دنيا تنظيمي طاقت ۽ سماجي تحرڪ واري فلسفي جو نظارو ڪري سگهي ٿي جنهن سان آمدني ۾ اضافو ۽ غربت جي ڏبڻ کان نجات وارو خواب ساپيا ٿي سگهي ٿو.

# هُنري تعليم ۽ اڄ جو معاشرو

نعمت الله ساوند

MER آفيسر - هيڊ آفيس سکر

موجوده دؤر ۾ تعليم حاصل ڪرڻ جو مقصد، سرڪاري يا پرائيويٽ نوڪري حاصل ڪرڻ آهي. پر، علم پرائڻ جي معنيٰ اها نہ آهي. علم جي معنيٰ ڄاڻ، ڄاڻ مان مراد لکڻ پڙهڻ جي ڄاڻ، تاريخ، جديد سائنس ۽ ٽيڪنالاجي، سماجي نظام، واپار جي ڄاڻ اچي وڃي ٿي. علم حاصل ڪرڻ سان بيشمار فائدن سان گڏ روزگار آسان ٿيڻ ڪري هر ماڻهو تعليم حاصل ڪري نوڪري جي تلاش شروع ڪري ٿو. اڄ جو دؤر آهي جو بيروزگارن جي مناسبت سان روزگار جا ذريعا گهٽ آهن، آبادي روز بروز وڌي رهي آهي. ملڪن جي حد بندين ۽ ڪاروباري پاليسين ڪري بيروزگاري ۾ ڏينهون ڏينهن اضافو ٿي رهيو آهي.

تعليم پرائيندڙ هر ماڻهو جي اها خواهش هوندي آهي تہ هو تعليم پوري ڪري تہ ڪيس سٺي نوڪري ملي. بيروزگاري جي هن عالم ۾ سياسي، سماجي، اقتصادي، ملڪي ۽ غيرملڪي حالتن جي پيش نظر اسان جي تعليم حاصل ڪرڻ جو مقصد ڪيترو نہ محدود ٿي ويو آهي. اسان نوڪر ٿيڻ لاءِ پريشان آهيون، پر مالڪ ٿيڻ لاءِ نہ.



ڇا اسان جي هن معاشري ۾ رهندڙ ماڻهو صرف چوڪيدار، سپاهي، استاد، پٽيوالا يا ڪنهن سرڪاري ۽ خانگي آفيس ۾ آفيسر جي نالي تي ڪلارڪ ٿيڻ لاءِ علم حاصل ڪري رهيا آهن.

اسان کي علم جي ڄاڻ سٺي طرح حاصل ڪرڻ گهرجي، جيئن پنهنجو سماجي ڪردار بهتر نموني سان ادا ڪري سگهون. ۽ زندگي ۾ پيش ايندڙ مشڪلاتن کي سولائيءَ سان منهن ڏئي سگهون. زندگيءَ جي ضرورتن کي پوري ڪرڻ لاءِ اسان کي نوڪري بجاءِ ٻيو ڪو متبادل ڪاروبار ڳولهڻ گهرجي! ڇوتہ جديد ڪمپيوٽرائيزڊ ۽ تيز رفتار آٽوميٽڪ مشينن جي استعمال سبب ۽ وڌندڙ آبادي ڪري نوڪرين جو اهو حال آهي تہ اميدوار گهڻا ۽ نوڪريون گهٽ آهن، روزگار جي وسيلن جي گهٽ هئڻ سبب بيروزگاريءَ اسان جي حاصل ڪيل ڊگرين جي اهميت کي ڄڻ تہ بيڪار بڻائي ڇڏي آهي، سواءِ ٽيڪنيڪي ڊگرين جي.

جڏهن اسان کي ڊگري سان گڏ هنر جي ڄاڻ هوندي تہ اسان ڪامياب زندگي لاءِ روزگار جو وسيلو پنهنجي "هنر" کي بڻائيندا سين. ڇوتہ هر ماڻهو پنهنجي ۽ پنهنجي ايندڙ نسل جي باري ۾ سوچي ٿو.

جديد ٽيڪنالاجي جي ضرورتن مطابق اسان کي نون هُنرن ۽ هُنري تعليم طرف ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي. تہ جيئن تعليم پوري ڪرڻ کان پوءِ، نوڪري نہ ملڻ جي صورت ۾ پنهنجي هنر وسيلي روزگار حاصل ڪري سگهجي ٿو.

تعليم سان گڏ پاڻ ۽ پنهنجي ڳوٺ ۽ معاشري ۾ رهندڙ هر فرد کي هنري تعليم ۽ هنرن جي سکيا تي ڌيان ڏيڻ ۽ ان جي اهميت کي سمجهڻ گهرجي، ڇو ته هميشه اهي ماڻهو مقابلي ۾ ڪامياب ماڻيندا آهن جن وٽ روزگار جا متبادل ذريعه ۽ هنر ميسر هوندا آهن.




هنرن ۾ تعليم سان گڏ، هٿ جو ڪم، بجلي جو ڪم، موٽر سائيڪلن جي مرمت، ڊرائيونگ، موبائيل ريپيئرنگ، سلائي ڪڙهائي، رليون ناهڻ، بيوٽي پارلر هلائڻ، ڪيڪ، پاپڙ، بسڪيٽ، ڏهي، مکڻ، ٽوپيون، اجرڪ، انگوشا، اڳٺ، ڦٽيون ناهڻ ۽ مال مويشي جي پالنا يعني هر اهو ڪم جنهن جي سکڻ جو موقعو هجي ۽ ان جي معاشري ۾ اهميت هجي.

هنر ۽ ڪاريگريءَ سبب ڪجهه وقت ڪان پوءِ تعليم حاصل ڪرڻ ۾ به مددگار ثابت ٿيندي آهي، گڏوگڏ مشيني زندگي ۾ استعمال ٿيندڙ شين جي استعمال ۽ سنڀال ۾ پڻ مدد ملندي، ۽ استعمال ۾ ايندڙ موٽر سائيڪل کي رِپيئر ڪرڻ، موبائل فون ناهڻ، گهر ۾ بجليءَ جو ڪم وغيره ۾ جيڪڏهن هڪ ماڻهو هُنر ڄاڻ رکندڙ هوندو ته آساني سان ان جي ريپئرنگ ڪندو اهڙي طرح ٻين جي محتاجي ۽ پئسي جي خرچ ڪان بچاءُ ٿي ويندو.

اهڙي طرح ٻيا هنر سکڻ مان به ڪافي فائدا آهن جيڪڏهن اسان ويچار ڪنداسين ته اسان کي هي زندگيءَ به هنرمندي جو هڪ بهترين نمونو نظر ايندي جيڪا ڪيترن ئي هُنرن جي ڄاڻ تي مشتمل آهي.

اسان جون ٻهراڙيون جيڪي غربت جي ڏيڻ ۾ قاتل آهن، تعليم جي زيور ڪان محروم آهن. سندن خوشحال زندگي گذارڻ وارو خواب تڏهن ئي ساڀيان ماڻي سگهي ٿو جڏهن گهر جو هر ڀاتي هنرمند هجي. پاڙيسري صوبي جي گهرن جيان هر گهر ۾ ڪارخانو هجي ۽ سڀئي ڀاتي ڪمائيندڙ هجن. ان آزمايل نسخي تحت غربت، جهالت ۽ بيروزگاري مان نجات حاصل ڪري سگهجي ٿي. اهو واحد حل آهي جيڪو قبائلي جهيڙن، ذات پات جي ڦڏن ۽ فرقيواريت ڪان نجات ڏياري سگهي ٿو. هر ماڻهو پنهنجي ڪرت ۾ مگن هوندو ته فتني فساد وارا خيال ذهن ۾ ايندا ئي ڪونه ۽ اجان وڏيڪ ڪاروبار کي وڌائڻ واري ريس انسان کي ڪورٽ ڪچهرين ۽ جهيڙن ڪان پڻ پري رکي ٿي.



سرسو واحد ادارو آهي جيڪو غريب ماروئڙن کي اهڙي گس تي لائڻ ۾ وسان ڪونه ٿو گهٽائي. هن اداري غريب ٻهراڙين سان واڳيل عورتن کي هنر ۽ علم جي نئين اک ڏني آهي ۽ ڪين آواز ڏنو آهي جنهن جي ميڄتا جو پڙاڏو ڏيهه ۽ پرڏيهه تائين پهچي رهيو آهي.

# نو ـ بالغ ٻارن جي زندگي کي بهتر بنائڻ وارو پروجيڪٽ
# IMPROVING ADOLESCENT'S LIVES IN PAKISTAN

ڪنول خاصخيلي
ADO سرسو - خيرپور

سرسو- سنڌ سرڪاري جي سهڪار سان ڀهراڙين مان غربت گهٽائڻ لاءِ عورتن کي منظم ڪندي ڪين هنري سکيا سان گڏ معاشري ۾ عزت ڏيارڻ ۽ هڪ غريب گهراڻي جي رهڻي ڪهڻي کي بهتر ڪرڻ ۽ هڪ بهترين معاشري جي تشڪيل ڏيڻ آهي. انهيءَ سلسلي ۾ سنڌ جي اترين ضلعن ۾ سرسو نه صرف سنڌ سرڪاري جي تعاون سان. پر ان سان گڏوگڏ بين الاقوامي ۽ ملڪي ادارن سان گڏجي ٻارن ۽ ٻالپڻي واري عمر يعني 10 کان 19 سالن جي ٻارن جي رهنمائي لاءِ ڪوڙ سارا پروجيڪٽ هلايا آهن جنهن ۾ IKEA / UNICEF جي مالي مدد ۽ RSPN جي شراڪت سان سنڌ جي اترين علائقن ۾ نوجوانن جي زندگين کي بهتر بڻائڻ جو پروجيڪٽ هلي رهيو آهي.



اهڙا پروجيڪٽ UNICEF طرفان ايشيا جي ٽن ملڪن انڊيا، بنگلاديش ۽ پاڪستان ۾ هلي رهيا آهن. سرسو اندر هي پروجيڪٽ خيرپور ۽ گهوٽڪي جي 44 يونين ڪائونسلن ۾ هلي رهيو آهي. جتي اتان جي مقامي سهڪاري تنظيمن سان گڏجي ننڍن ٻارن ۽ جوجوانن يعني ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جن جي عمر 10 کان 19 سال آهي. انهن جي بهتري ۽ ڄاڻ وڌائڻ لاءِ ڪم هلي رهيو آهي، هن ۾ ڳوناڻي سطح تي 13-10 سالن جي ڇوڪرن، 13-16سالن جي ڇوڪرين ۽ هڪ 19-16سالن جا گروپ تشڪيل ڏنا ويندا آهن

هن پروجيڪٽ جي سرگرمين ۾ شامل آهي ته ننڍي عمر جي شادين کي روڪرائڻ، ننڍن ٻارن ۽ نوجوانن جي حقن ۽ تعليمي شعبي ۾ ننڍن ٻارن ۽ نوجوانن جي رهنمائي ڪرڻ، ڪين سماجي برائين کان روڪڻ سان گڏ تعليم يافته ۽ هڪ ذميدار شهري بڻائڻ آهي. هن عمر جي ٻارن کي معاشري ۾ جاڳرتا ڏيڻ انهن لاءِ تربيتي پروگرام منعقد ڪرائڻ پڻ پروجيڪٽ جو حصو آهي ته جيئن ٻارن ۾ موجود لڪيل هنرن ۽ صلاحيتن کي اجاگر ڪجي ته جيئن هو پنهنجن حقن کي سڃاڻڻ سان گڏ پنهنجي زندگيءَ تي اثر انداز ٿيندڙ مسئلن تي پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري

سگهن. نوجوان ٻارن سان گڏ ڳوناٽن، سماجي ۽ مذهبي اڳواڻن، سرڪاري ۽ غيرسرڪاري ادارن جي عملدارن کي پڻ بالغن / نوعمر ٻارن جي حقن بابت مختلف مهم ذريعي ڄاڻ ڏني ويندي آهي ته جيئن اهي به ٻارن کي انهن جي مسئلن ۽ انهن کي تحفظ فراهم ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿين ۽ ٻارن سان ٿيندڙ زيادتن ۽ ناانصافين خلاف قدم کڻي سگهن.



هن پروجيڪٽ جو ٻيو مقصد هي به آهي ته 10-19 سالن جي عمر وارن ٻارن کي تحفظ، تعليم ۽ صحت جي سهولتن سان گڏ بنيادي حقن لاءِ ڳوناٽيون تنظيمون CO,VO ۽ LSO سرڪاري عملدران سان گڏ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيڻ آهي. ۽ هن پروجيڪٽ ۾ هيٺ ڏنل سرگرميون هن پراجيڪٽ جو اهم حصو آهن:

1. 10-19 سالن جي نو- بالغ ٻارن (ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين) لاءِ معلوماتي تربيتي پروگرام منعقد ڪرائڻ.
2. ڳوناٽن طرفان چونڊيل مقامي رضاڪارن (KCIs) کي ٻارن جي حقن ۽ تحفظ بابت ٽي روزه تربيتون ڪرائڻ ۽ مقامي ماڻهن کي ٻارن جي حقن لاءِ آگاهي جا پروگرام هلائڻ.
3. يونين ڪائونسل، ضلعي ۽ صوبائي سطح تي جاڳرتا پروگرام منعقد ڪرائي 10-19 سالن جي ٻارن سان گڏ ڳوناٽن، سماجي مذهبي اڳواڻن سرڪاري ۽ غيرسرڪاري ادارن جي عملدارن کي شامل ڪيو ويندو.
4. ٻارن ۾ موجود خوبين / صلاحيتن کي هٿي وٺرائڻ لاءِ انهن کي مختلف سرگرمين ۾ شامل ڪرائڻ.
5. 10-19 سالن جي ٻارن کي انهن جي حقن ۽ تحفظ بابت معلوماتي مواد جي ورهاست سان گڏ موبائل فون ذريعي پيغامن کي پهچائڻ پڻ شامل آهي.
6. سڀ کان پهريان هن پروجيڪٽ جي شروعات (10-19) سالن جي ٻارن جي نشاندهي ۽ سماجي اڳواڻن جي چونڊ ڪئي ويندي آهي ته جيئن انهن جا منظم گروپ ٺاهي مٿي ذڪر ڪيل سرگرميون انهن تائين پهچائي سگهجن.



هي پروجيڪٽ خيرپور ضلعي جي 27 يونين ڪائونسلن جي 107 ديهن ۽ 5 تعلقن ۾ هلي رهيو آهي جيڪو شروعاتي طور تي 14 مهينن لاءِ آهي ۽ هي پروجيڪٽ 31 ڊسمبر 2017 تائين جاري رهندو. ۽ اها اميد ڪري سگهجي ٿي ته هن پروجيڪٽ جا بهترين نتيجا سامهون ايندا.

*

# گهر کان اسپتال تائين : هڪ مختصر سفر

رشيده بلوچ
سوشل آرگنائيزر HCP پروجيڪٽ



49 سالن جي ڪامل خاتون زال محمد خان شاهبراڻي ڳوٺ شاهه آباد يونين ڪائونسل ڦل تعلقه ۽ ضلع لاڙڪاڻو جي رهواسڻ آهي. هي ڳوٺ 150 ڪچن، پڪن گهرن تي مشتمل آهي، 1300 آبادي واري هن ڳوٺ ۾ اڪثر ڳوناڻن جو گذر سفر مال مويشي جي پالنا ۽ هارپي تي آهي. ڪامل پنهنجو ننڍپڻ پنهنجي ئي ڳوٺ ۾ راند روند ڪندي گذاريو. ڪامل ٻڌايو ته جڏهن مان 16 سالن جي مس ٿيس ته منهنجي والدين منهنجي پرڻي جون تياريون ڪرڻ لڳا، ڇوته غربت سبب اڪثر ڳوناڻا پنهنجي ٻارن جي پڙهائي ۽ ڪاڌ خوراڪ جو ايترو خيال ڪونه رکندا آهن ۽ ننڍي عمر کان ئي ٻارن کي مال چارڻ ۽ زمين جي ڪم ۾ هنن جون زندگيون تباهه ڪندا آهن. ۽ پوءِ ڪجهه عرصي بعد منهنجي شادي پنهنجي ئي مائٽ محمد خان سان ڪرائي وئي. ننڍي عمر ۾ گهر جا بار اچي ويا، پر ماءُ پيءُ جي خوشيءَ خاطر خاموش رهيس ۽ خوشي سان پنهنجي مڙس سان رهڻ لڳيس. جيئن ته منهنجو مڙس هارپو ڪندو هو، پر گهٽ اجرت ۽ وڌندڙ مهنگائي سبب روزه مره جو گذرسفر ڏکيو ٿيندو پئي ويو. وقت گذرڻ سان زندگيءَ ۾ پنهنجي ڏکن ۽ تڪليفن جي شروعات ڪئي.

مون انهن ڏينهن ۾ پنهنجي مڙس سان صلاح مشورو ڪيو ته گهريلو حالات کي بهتر ڪرڻ لاءِ ڪجهه نه ڪجهه ڪرڻو پوندو. گڏيل صلاح سان مون پنهنجي وڏڙين واري ڪرت شروع ڪئي ۽ انهن سان گڏجي ڳوٺ ۾ دائپي جو ڪم ڪرڻ شروع ڪيو، جيئن ته منهنجي عمر به ايتري ڪونه هئي ۽ پهريان مون کي دائپو ڪندي ڏاڍو ڊپ به ٿيندو هو ۽ سوچيندي هيس ته ڪٿي منهنجي ڪري ڪنهن انسان جي جان نه ضايع ٿي پئي، پر پوءِ آهسته آهسته مون کي پنهنجي وڏڙين سمجهايو ۽ مون کي به پاڻ تي ٿورو ٿورو يقين ٿيندو ويو ۽ آخر مون به حمل وارين عورتن کي وڏڙين جا ٻڌايل گهريلو ٽوٽڪا ڪين ٻڌائڻ شروع ڪيا.

ڪامل ڇيو ته انهن ڏينهن ۾ مون کي ٻار به ڄاول هئا، انهن جي سارسنڀال ۽ گهر جو ڪم به ڪندي رهيس انهيءَ سفر دوران مون کي ڪافي تڪليفون به آيون، دائپي جي ايتري ڄاڻ به ڪونه هئي ۽ اهڙي ڪا تربيت به ٿيل نه هئي، ڳوناڻو ماحول طرح طرح جون ڳالهيون ٻڌڻ ۾ اينديون هيون. پر مجبوراً ڪم ته ڪرڻو هيو ڇوته اسان جا گهريلو حالات بهتر ڪونه هيا. مون هميشه ان ڳالهه جو به خيال رکيو ته جيڪڏهن ڪنهن عورت جي ڊليوري سُولي نه آهي ته ان کي اسپتال ڪٺائي وڃجي ته جيئن وقت سر معائنو/ علاج ٿي سگهي ۽ جانيون ضايع ٿيڻ کان بچي سگهن.

ڪامل وڌيڪ ٻڌايو ته پهريان ته هتي ويجهو ڪو هيلٿ سينٽر به ڪونه هوندو هيو، جو ايمرجنسي ۾ حاملا عورت کي هيلٿ سينٽر ڪٺائي وڃون، مجبوريءَ ۾ سڀ ڪجهه پاڻ کي ڪرڻو پوندو هو. هن وقت مون کي دائپو ڪندي 30 سال گذري چڪا آهن. ۽ 7 ٻارن جو اولاد آهي. پٽن جون شاديون ڪرايون آهن. هڪ پٽ مون سان گڏ رهندو آهي ۽ هڪ پنهنجي زال سان نئين ڪچي گهر ۾ رهي ٿو. هن وقت به منهنجو گهر ڪچو ۽ هڪڙو ڪمرو آهي جتي زندگيءَ جا ڏينهن گذاريون پيا.

هارپو ڪندا آهيون، ڇوندا آهن ته ”ڏک سکن جي سونهن“ ويم دوران عورتن کي ٿيندڙ تڪليفن کي محسوس ڪندي ڪڏهن ڪڏهن ته يادگيريون صفا دل ڏکائي ڇڏينديون آهن، اڪين مان لڙڪ وهي پوندا آهن. سوچيندي آهيان ته منهنجي اڻ ڄاڻائي ڪري ڪوڙ سارين مائرن ۽ ٻارن جون زندگيون ضايع ٿيون. پر الله پاڪ غفور الرحيم آهي، معاف ڪرڻ وارو آهي، زندگي ۽ موت ته الله پاڪ جي هٿ ۾ آهي اسان ته صرف ڪوشش ڪري سگهون ٿيون ته ڪنهن جي زندگي بچي پوي. انهيءَ لاءِ چوندا آهن ته هر ڪم جي ڄاڻ هئڻ تمام ضروري آهي.

مون کي ياد آهي تہ هڪ ڏينهن مان پاڙي ۾ ارشاد خاتون جي گهر ۾ ڪنهن ڪم سان ويس ۽ ڏٺم تہ ڪجھ ٻاهريون عورتون ويٺيون آهن، جيڪي ارشاد خاتون سان ڪچهري ڪري رهيون آهن. معلوم ڪرڻ تي خبر پئي تہ هي سرسو صحت جي رابطي واري پراجيڪٽ (HCP) جو عملو آهي ۽ پوءِ منهنجي اها بہ خبر پئي تہ ارشاد خاتون پنهنجي ۽ پر وارن ڳوٺن ۾ هيلٿ ورڪر طور ڪم ڪري رهي آهي. مون کي ارشاد خاتون ٻڌايو تہ هڪ ڪميونٽي هيلٿ ورڪر 150 گهراڻن جي (اهڙن علائقن ۾) جتي ڪابہ گورنمينٽ طرفان هيلٿ ورڪر ڪم نہ ڪندي آهي اتي هي وجي گهراڻن کي رجسٽرڊ ڪندي آهي جنهن ۾ ڳورهارين عورتن ۽ ٻارن کي رجسٽر ڪيو ويندو آهي. ۽ هر ڳوٺ ۾ 4 ڪميونٽي سپورٽ گروپس (CSGs) گهراڻن جي سطح تي ناهيا ويندا آهن ۽ اهي سيئي CSGs ملي ڪري هڪ "ڳوناٽي صحت ڪاميٽي" (VHC) ناهيندا آهن ۽ روزمره جي بنياد تي هڪ هيلٿ ورڪر 5 CHW کان 7 گهر گهمندي آهي ۽ انهن کي صحت جي باري ۾ پيغام ڏيندي آهي. خاص ڪري ڳورهاري عورتن کي اهو پيغام ڏيندي آهي تہ ماهوار ڪنهن ويجهي هيلٿ سينٽر تان معائنو ڪرائيندو رهو. ۽ انهن حاملا عورتن کي CHW اسپتال ۾مفت علاج لاءِ هڪ ريفرل جي پرچي ڏيندي آهي ۽ ٻڌائيندي آهي تہ اسپتال ۾ توهان جو مفت علاج ڪيو ويندو.



مان بہ ويهي ڳالهيون ٻڌڻ لڳس، ۽ ڪجھ پيون پاڙي واريون اچي پهتيون انهن حمل واري عورت کي گهر ۾ ويم يعني دائپي جا نقصان کان آگاهہ ڪيو تہ ان وقت مون کي پنهنجون سڀ غلطيون ياد اچڻ لڳيون ۽ دل ئي دل ۾ پشيماني بہ ٿي رهي هئي، ۽ مون کي هڪ واقعو تہ اڪثر ياد ايندو آهي جڏهن منهنجي نِٽاڻ (منهنجي مڙس جي ڀيڻ) جي ويم دوران گهڻي تڪليف ٿي پئي هُئي ۽ اسپتال ڪٽائڻو پئجي ويو، جيئن تہ ڳوٺ کان اسپتال جو سفر گهڻو هيو ۽ سواري جوبہ بندوبست نہ هو اسپتال پهچڻ کان اڳ ئي ٻار فوت ٿي ويو ۽ منهنجي نٽان بہ آخري پساهن ۾ وڃي پهتي هئي. پر ڊاڪٽر جي موجودگي ۽ بروقت علاج ٿيڻ سبب هن جي زندگي بچي وئي پر هڪ نئين زندگيءَ جو ڏيئو هن دنيا ۾ اچڻ کان اڳ ئي وسامجي ويو. جنهن جو مونکي زندگي پر افسوس رهندو، پيا بہ ڪوڙ سارا اٽوندڙ ۽ دل کي ڏڪائيندڙ واقعا آهن جيڪي وقت بہ وقت ياد ايندا رهن ٿا.

انهيءَ ڏينهن مون اهو پڪو پهہ ڪيو تہ پنهنجي وس آهر جيترو بہ ممڪن ٿي سگهيو تہ ڳورهاري عورتن کي اسپتال ڪٽائي ويندس تہ جيئن انهن جي حياتيءَ کي بچائي سگهجي. پوءِ سرسو جي ٽيم سان ملي ڪري اسان ڳوٺ ۾ هڪ تنظيم CSG جوڙي سين جنهن جي آءُ بہ ميمبر طور شموليت اختيار ڪئي. انهيءَ ڪانپوءِ ڳوٺ ۾ اسان هڪ مهم هلائي سين ۽ سيني عورتن کي سرسو جي هيلٿ واري پروگرام متعلق آگاهي ڏني ۽ ڪين سمجهايو سين تہ اسپتال ۾ ويم ڪرائڻ جا ڪيترا فائدا آهن. پوءِ مون هيلٿ ٽيم جي مدد سان هاڻ ڪافي سارا ڪيس اسپتالن ۾ ڪرايا آهن، الحمدالله اهڙو ڪوئي بہ اڻ وڻندڙ واقعو پيش ڪونہ آيو آهي. هن وقت الله جي فضل سان موت جي شرح ۾ ڪافي گهٽائي آئي آهي، سرسو جي پليٽ فارم تان منهنجو سيني حاملا عورتن کي اهو پيغام آهي تہ ڪوشش ڪريو تہ وقت سر ويجهي هيلٿ سنٽر سان پنهنجو چيڪ اپ بہ ڪرايو انهيءَ سلسلي ۾ سرسو جو سهڪار توهان اسان سان گڏ آهي. چوتہ زندگي ڏاڍي قيمتي آهي ان جو قدر ڪريو، پاڻ بہ صحتمند رهو ۽ پنهنجي ٻارن کي بہ صحتمند رکو. آخر ۾ اسين سڀ ڳوناٽيون عورتون سرسو جي هيلٿ HCP پروجيڪٽ جي ٽيم جون شڪرگذار آهيون، جنهن اسان کي رهنمائي، سهڪار ۽ آگاهي ڏني آهي.

# شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ سوشل موبلائيزيشن

زبير سومرو
مئنيجر IMSD هيڊ آفيس سکر

انهيءَ ۾ ڪي ٻه ٻه رايا نه آهن ته شاهه لطيف سنڌ ۽ پاڪستان بلڪ دنيا جو هڪ اهڙو غير معمولي دانشور ۽ مفڪر جنهن پنهنجي لازوال شاعري ذريعي، دنيا جي هر موضوع تي اهڙو خوبصورت لکيو آهي جنهن جو مثال دنيا جي ادبي توڙي فلسفي جي تاريخ ۾ ملڻ مشڪل آهي.

شاهه لطيف سنڌي ٻوليءَ جو هڪ اهڙو معجزو آهي جنهن جو سرچشمو رهنديءَ تائين سنڌ سميت سڄي دنيا تائين رهبريءَ جو باعث بڻبو رهندو. شاهه لطيف جي ڪلام جو ڪمال اهو آهي ته هن انتهائي ڳوڙهن فلسفي نڪتن ۽ پيچيدگين کي سادي عام فهم زبان ۾ پيش ڪيو، اها ٻي ڳالهه آهي، اها سادي زبان اڄ جي اردو، انگريزي ميڊيم ۾ پڙهيل نوجوانن لاءِ ڪجهه قدر ڏکئي ٿي پئي آهي.

اسان جي روزاني جي زندگيءَ ۾ ڪيتريون اهڙيون شيون آهن، جيڪي ايتريون ته معمولي آهن جو اسان انهن جو قدر ته نهيو، انهن جي وجود جو نوٽيس وٺڻ به گوارا نه ڪندا آهيون، مثال، ڪک، پن، دز، ڌوڙ، گاهه ۽ اهڙيون ڪيتريون معمولي شيون آهن جيڪي اسان نظرانداز ڪندا آهيون، لطيف انهن سيني جا مثال ڏئي، عاليشان تشبيهن ۽ استعارن ذريعي انساني زندگيءَ تي اڻ مٽ ڇٽ ڇٽيا آهن. سنڌ جي عظيم صوفي شاعر جي تخليق تي نظر ڪنداسين ته ان استعمال ٿيل ٻولي ۾ عام انسانن جي ڏکن سورن، غمن خوشين، عشق محبت جي جذبن، عقيدن ۽ ڌڻي جي عبادت جا انيڪ رنگ پسڻ وٽان ملندا. آخر ڪهڙي ڳالهه آهي جو انساني جذبن، خوابن جي ترجماني ڪندڙ اهي احساس عام هوندي به خاص ۽ عليحده نظر اچن ٿا. شاهه لطيف به ته انهن ئي احساسن ۽ جذبن جو ئي ذڪر ڪيو آهي. ڪائنات طرفان خلقيل حسين منظر وڻ ٽڻ، گل ڦل، نديون نار، ڍنڍون، ٽڪريون، پهاڙ، پکي پسون، يا ماڻهو، مرون زرعي پيداوار هجي يا معدني، عام ۽ خاص پورهيت يا حڪمران، ڌارين جون يلغارون، وطن واسين جي ريتن رسمن، پهراءُ تهذيب ۽ تمدن کي پيش ڪرڻ لاءِ بيتن ۾ پنهنجي ماروئڙن طرفان ڳالهيندڙ ٻوليءَ جو ئي ته سهارو رتو آهي. تخليقي شعور ذريعي لفظن کي اهڙو ته پوشاڪ اوڙهائي جو عام انسانن اڳيان اِهي شيون هوندي به اُهي انهن کي پرکڻ جي باوجود پرکي ۽ ايترو ماڻي نه سگهيا. سمنڊ ۾ جڏهن برسات جون بوندون ڪرنديون آهن تڏهن انهن لاتعداد بوندن مان وري ڪن ٿورين بوندن کي سپ جي صدقي انمول موتي جو درجو نصيب ٿئي ٿو. ائين لطيف سائين جي بيتن جي ٻوليءَ جا لفظ رواجي نه پر غير رواجي رتبو ماڻين ٿا، عام ۽ خاص ماڻهن جي لبن تي رقص ڪن ٿا. ساڳيءَ طرح شاهه جا بيت پنهنجي شاندار تخليقي ٻوليءَ ڪري ٽن سؤ سالن جي عرصي بعد به پاڻ طرف ڇڪين ٿا. اڄ جي دؤر ۾ به جڻ اسان جي جذبن جي ترجماني ڪن ٿا. لطيف سائين پنهنجي بيتن لاءِ آيتن جي بشارت ڏئي ٿو:

جي تو بيت ڀانئيا، سي آيتون آهن !

لطيف سائين جي اها ڳالهه خود ثنائي نه آهي بلڪ سچ جي آواز جو پڙاڏو آهي. جنهن دؤر ۾ فارسي ۽ عربي فارسي جو سنڌ ۾ عروج هو ان دؤر ۾ به شاهه سائين پنهنجي اباڻي ٻوليءَ جي اظهار جو ذريعو اپنايو.

ڇاڪاڻ ته سماجي جاڳرتا جو عوام جي اصلوڪي ٻولي ۾ لازمي آهي. لطيف سائين ٻوڙن جو ذڪر ڪيڏي نه سهڻي انداز ۾ ڪيو آهي:

ٻُڏنديءَ ٻُوڙن ڪيءَ، ڪي هاٿِڪ هٿَ وجهن،
پسو لڄ لطيف چئي، ڪيڏي ڪي ڪڪن،
توڙي ڪنڌيءَ ڪن، نه ته ساڻ وڃن سير ۾ !

هن بيت ۾ هڪ ٻُڏندڙ انسان جو ذڪر آهي جيڪو ٻُڏي رهيو آهي ۽ ٻُڏندي ٻُڏندي، هو ڪناري تي ڦُٽل پر واري ٻُوڙي ۾ زندگيءَ بچائڻ لاءِ هٿ تو وجهي. لطيف سائين ان ڪمزور ٻُوڙي جي همت ۽ قرباني جي جذبي کي ساراهيندي چوي ٿو ته هڪ ٻُڏندڙ انسان، انهيءَ ٻُوڙي ۾ هٿ وڌو ۽ ٻُوڙي مان پنهنجي حياتي بچائڻ جي توقع رکي، انهيءَ توقع کي ڏسندي، ٻُوڙي پوري پوري ڪوشش ڪئي ته هو ان انسان کي ٻُڏڻ کان بچائي، پر ٻُوڙو ڪمزور آهي، پاڙئون پٽجي پيو، پر سوچيائين ته جيڪڏهن هو ان ٻُڏندڙ انسان کي نه ٿو بچائي سگهي ته پاڻ ته هُو انهيءَ انسان جي هٿ ۾ وڃي، ان سان گڏ ٻُڏي ٿو وڃي. قربانيءَ جو اهڙو مثال، تشبيهه ملڻ مشڪل آهي.

انهيءَ سموريءَ تمهيد جو مفهوم مقصد انساني سماج ۾ تبديلي جي اٽنر گهرج وارو موضوع آهي، جيڪو هر دؤر، خطي ۽ سماج لاءِ لازم آهي، ۽ ان لاءِ سماجي جاڳرتا جو ڪامياب طريقو آزمايو ويو آهي.
سماجي جاڳرتا يا سوشل موبلائيزيشن جو تصور اڄ کان 3 سؤ سال پهريان سنڌ جي عظيم دانشور شاهه لطيف ڏئي ويو آهي!

”جاڳو جاڙيجا، سما سک مَ سُمهو“!

جاڙيجا ۽ سَما سنڌ جا اوائلي قبيلا آهن، استعاري طور ڀٽائي صاحب انهن قبيلن کي ”عوام“ سمجهي مخاطب ٿي چئي ٿو ته جاڳو، سک نه سمهو، چوته جاڳڻ، شعور جو پهريون ڏاڪو ۽ ترقي ڏانهن وني ويندڙ عمل آهي. سُر ڪاپائتي شاهه جي رسالي جو اهڙو سُر آهي، جنهن هڪ ڪپهه ڪتڻ واري عورت جي تشبيهن سان سماجي جاڳرتا جو ذڪر ڪيل آهي:

اڄ پڻ اڄهڻ ڪي مرين، ڪانه ڪتيئه پڻ ڪالهه،
پوري توسين پال، ڪانڌ ڪريندو ڪيترا !

هن بيت ۾ هڪ سُستُ انسان لاءِ پيغام آهي، اڄ به آرام ۽ ننڊ ٿو ڪرين، ڪلهه به نيستيءَ جي ننڊ ڪيئه، پورا ماڻهو، توسان اهڙي صورتحال ۾ ڏٺي ڪيترين پلايون ڪندو؟

شاهه لطيف جي تخليقي اسلوب ۽ لهجي جو ئي ڪمال آهي جو هُو سُئيءَ کان وني ڪُنڍيءَ تائين هر شيءِ کي مانُ بخشيو آهي. سنڌ جا هنر، ترن برن جا قصا، تاريخي ڪردار، سنڌ جي جاگرافي، انهن جو ذڪر ڪري ٻوليءَ امر بنائي ڇڏي آهي. اهو ئي سبب آهي جو سندس ڪيترن ئي بيتن جون سٽون هاڻي سنڌ ۾ پهاڪن جي صورت ۾ استعمال ڪيون وينديون آهن.

آٽين ۽ چاڙهين، ڏُٽ ڏهاڙي سومرا !

سماجي جاڳرتا، يعني سوشل موبلائيزيشن لاءِ اڳواٽيءَ جو عنصر لازمي آهي ۽ ان لاءِ شاهه وٽ هڪ زبردست نسخو آهي:

هٽڻ، هڪلڻ، ٻيلهي سارڻ، مانجهيان ايءَ مَرَڪُ،
وجهن تان نه فرق، رُڪَ وهندي راند ۾ !

هن بيت ۾ ڏڻ هَڪلِيندڙ يا چَاريندڙ هڪ ڏنار جي زندگيءَ ۾ سرگرميءَ سان هڪ نتيجا ڏيندڙ اڳواڻ سان تشبيهه ڏني وئي آهي. سماجي جاڳرتا جو سفر ڏکيو سفر آهي، جنهن ۾ بيشمار تڪليفون ۽ ڏکيائون آهن، پر ان سفر جي پانڌين ۽ سرواڻن کي مايوس ٿيڻو ناهي، لطيف ته چئي:

"نا اميدي آ جڪو، آسڻ آديسين !"

سماجي جاڳرتا جي پنڌ جا پانڌي هميشه جدوجهد ۽ جاکوڙ ۾ رهندا آهن، جيسين سندن لُڪيءَ ۾ ساهه آهي، هو سماج لاءِ لوچيندا ۽ سوچيندا آهن، لطيف انهيءَ ڏس ۾ چاتو چئي:

جان جان هئي جيئري، ورچي نه ويٺي،
وجي پُونءِ پيٺي، سارينديَ کي سڄڻن؟

-

جان جان هئي جيئري، ويٺي نه ويساند،
لڙهي لهرن پاند، ميائي ميهار ڏي !

-

جئن جئن تپي ڏينهن، تئن تئن تاٽي پنڌ ۾،
ڪو آڳانجهو نينهن، ٻانيڻ، ٻاروچن سين !

سماج کي تبديل ڪرڻ جون واڳون سنڀاليندڙ سرواڻ هميشه سوچ ۽ لوچ ۾ رهندا آهن، ايتري قدر جو قيدوبند ۾ به سوچيندا آهن:

بندي ٻيا قرار، اسين لوچون لوهه ۾،
متان تيغ ترار، سدا سانيڙن جي !

سماجي جاڳرتا جي ڪاهوڙي ڪردارن لاءِ سڀ انسان مارئيءَ جي ماروئڙن ۽ پنهوارن جهڙا هوندا آهن، جن سان هن جي جند جڙيل هوندي آهي:

آءٌ ڪيئن ڇڏيان سومرا ! تن پنهوارن پچار،
جڙ جنين جي جيءَ ۾، لڳي رهيءَ لوهار،
ميخون محبت سنديون، هن هينئڙي منجهه هزار،
پڪا ۽ پنهوار، ڏني مون ڏينهن تيا !

شاهه جي رسالي جو سمورو سُر مارئي، مارُن جي محبت سان ٽمٽار آهي، يعني مارو ماڻهو، اهي غريب انسان آهن، جن جي زندگي تبديلي چاهي ٿي، پر انهي تبديلي لاءِ، غربت مان ڇوٽڪاري جي لاءِ هنن کي گڏجڻو چوندو، چوڻ لطيف جي مصداق موجب گڏجڻ ۾ مسئلن جا حل موجود آهن:

ڏکيون جان نه مِڙن، تان تان پَنڻ نه ٿئي،
پِنڻ واريون پڌريون، ڳاڙهان ڳل سندن،
ٻيون هونءَ ئي هٿ هڻن، روئنديون روئڻ وايون!

سماجي جاڳرتا لاءِ سماج ۾ بيشمار ڪردار آهن جن کي شاهه لطيف استعاري طور استعمال ڪيو آهي.

*

# مسمات رحمت کي بہ مليو (LEP) مان فائدو

## (روزگار جي واڌاري ۽ تحفظ وارو پروجيڪٽ جي پڄاڻي بعد)

وزير احمد ميراڻي
يونٽ انچارج ضلع گهوٽڪي



پاڪستان ۾ غربت جي خاتمي لاءِ ڪم ڪندڙ اداري پاڪستان پاورٽي ايليويشن فنڊ (PPAF) ۽ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) جي گڏيل سهڪار سان ضلعي گهوٽڪي جي پنتي پيل علائقن ۾ غربت جي خاتمي لاءِ هڪ وڏو ۽ جامع منصوبو روزگار جي واڌاري ۽ تحفظ جو تيار ڪيو ويو، جيڪو ضلعي ۾ 2012ع کان 2015ع تائين عمل پيرا رهيو. جڏهن ته هي منصوبو / پروجيڪٽ سيپٽمبر 2015ع ۾ ختم ٿي چڪو آهي. ان منصوبي جي افاديت ۽ ان جي غريب ماڻهن جي معيارِ زندگيءَ تي پونڌڙ مثبت اثرن متعلق هڪ ڪهاڻي مسمات رحمت زال بخشل ملڪ جنهن جو غربت جو اسڪور 7 هيو. اوهان پڙهندڙن اڳيان پيش ڪجي ٿي. ”سرسو“ مسمات رحمت جي غربت جي درجہ بندي کي ڏسندي هن کي اثاثي طور هڪ وڇير (وهڙي) ڏني جيڪا هن گهر ۾ خدمت ڪري پالي ۽ هن وقت ان مان لاڀ حاصل ڪري رهي آهي. مسمات رحمت ڳوٺ وسطي قطب الدين شاهہ يونين ڪائونسل باگو ڏهو ضلعي گهوٽڪي جي رهواسڻ آهي. هيءَ پنهنجي ڪٽنب سان گڏ پنهنجي هڪ ڪچي گهر ۾ زندگي گذاري رهي آهي. سندس مڙس مزدوري ڪندو آهي. مسڪيني حال هئڻ سبب سندن گهر جو گذرسفر ڏورو مشڪل سان ٿي رهيو آهي.

روزگار جي واڌاري ۽ تحفظ وارو پروجيڪٽ (LEP) تحت گهوٽڪي ضلعي جي 6 غريب ترين يونين ڪائونسلن علي باغ، بيرڙي، باگو ڏهو، خانپور، لوهي ۽ پيٽور جي خاندانن جا غربت جي خاتمي لاءِ منصوبا جوڙيا ويا هئا. جنهن تحت انهن دوڪانداري ڪرڻ ۽ مال مويشي پالڻ کي ترجيح ڏني. ۽ ڪجهہ خاندانن پنهنجن منصوبن ۾ ڪريانہ جا دوڪان کولڻ، پنڪچر شاپ کولڻ، ننڍن شهرن ۾ مانڊٽيون کولڻ، اسپئر پارٽس جا دوڪان کولڻ، سبزي جي دوڪان سميت چانهہ جي هوٽل، گڏهہ گاڏا هلائڻ ۽ ريڙها ۽ ڪيبن کوليون، جيڪي اڄ مالي طور ڪافي اڳيرا آهن. هِن وقت سندن روزاني بچت 500 روپين کان 1000 روپين تائين ٿي رهي آهي، جنهن سبب سندن گهر جون مالي حالتون اڳ کان ڪافي بهتر بڻجي ويون آهن. جيتوڻيڪ گرانٽ زياده تر عورتن جي نالي ۾ ڏني وئي. جنهن سبب اهڙي دڪان يا ڪنهن بئي ڪاروبار جي نالي هيٺ اثاثي جي مالڪياڻي اُها عورت ئي آهي. ان ڪري ان عورت جي خاندان ۾ ذاتي حيثيت ۾ اضافو ڏسڻ ۾ آيو آهي. ساڻس خاندان جو ورتاءُ پڻ نسبتاً اڳ کان بهتر آهي.

مسمات رحمت کي مليل ڪِراس نسل جي وڇير (وهڙي) بہ پيرا ويامي چڪي آهي، جنهن جي کير جي پيداوار 5 کان 10 کلو روزانہ آهي. مسمات رحمت تقريباً 8 کلو تائين کير کپائي ٿي. جنهن سان هن جي 400 روپيا روزاني آمدني ۾ اضافو ٿيو آهي. مسمات رحمت ٻڌايو تہ هڪ ڳابي کپائي ان رقم مان پنهنجي ڌيئن کي هڪ سلائي مشين ڪجهہ ضروري سامان خريد ڪري ڏنو. جيئن تہ منهنجي ڌيئن سلائيءَ جو ڪم ڄاڻندي هئي. گهر ۾ مشين اچڻ ڪانپوءِ اوڙي پاڙي جي عورتن پنهنجا ۽ ٻارن جا ڪپڙا سلائي لاءِ ڏيڻ شروع ڪيا، ائين آهستہ آهستہ گهر جي آمدني ٿيڻ لڳي. هڪ سال بعد پنهنجي مڙس جي ۽ پاڙيسرين جي گڏيل صلاح سان هڪ ٻيهر مون هڪ ڳابو -/28000 هزارن ۾ وڪرو ڪري پنهنجي پٽ کي ميرپور شهر ۾ مرغين جو دوڪان کولي ڏنو. مسمات رحمت ٻڌايو تہ هن وقت دوڪان تان روزانہ آمدني 300 کان 600 سئو روپين تائين ٿي رهي آهي. هن وقت اسان جو گذر سفر تمام بهتر هلي رهيو آهي. اسين شڪرگذار آهيون سرسو جي روزگار جي واڌاري ۽ تحفظ واري پروجيڪٽ کي هلائڻ وارن جا جنهن اسان غريبن جي سهائتا ڪئي. ۽ اهوئي LEP پروجيڪٽ جو مکيہ مقصد هيو.

# صحت جي رابطي واري پروگرام جون سرگرميون

رپورٽ : نعمت الله ساوند
MER آفيسر - هيڊ آفيس سکر

ٻھراڙين ۾ رھندڙ ماڻھن جي معاشي حالتن کي بھتر ڪرڻ، سماجي حوالي سان ڪين ھڪ بھتر زندگيءَ ڏانھن راغب ڪرڻ واسطي سنڌ جي يارنھن (11) ضلعن اندر سرسو جا جفاڪش ورڪر اڻٿڪ ڪوششن ۽ سچائيءَ سان انسانيت جي خدمت ۾ مصروف عمل آھن، جنھن جو اعتراف خود ڳوناڻا بہ ڪن ٿا.

صحت جي شعبي ۾ ھڪ قدم وڌائيندي ٻھراڙين وارن علائقن ۾ رھندڙ ماڻھن جي صحت جي باري ۾ معلومات ۽ سنڌن خاندان کي صحت جي انيڪ مسئلن کان جان آجي ڪرڻ واسطي سرسو ۽ USAID JHU/CCP جي مالي تعاون سان جولاءِ 2014 تي ھڪ معاھدو RSPN جي سھڪار سان ڪيو ويو.

اڄ اسين ٽيڪنالاجي جي جنھن دور مان گذري رھيا آھيون اُن ۾ ترقي وڏي عروج تي آھي. ھرڪو جڻ دنيا ھٿن ۾ کڻي ھلندو ھجي. ھر ٻي خبر کان باخبر ٻڌجي وڃون ٿا چوتہ موبائل فون ھر ننڍي يا وڏي ڳوٺ ۽ شھر ۾ ساھ وانگر انسان سان ڳنڍيل رھي ٿي، جنھن وڏي ڊُوريُن کي ويجھو ڪري ڇڏيو آھي. انسان دنيا جي ھر شعبي ۾ ترقي جي بلند ترين سطح کي ڇُھي رھيو آھي. انسان چنڊ تي پھتو آھي. پر افسوس سان چوڻو پوي ٿو تہ سنڌ ۾ صحت جي غيرمعياري دوائن، عطائي ڊاڪٽرن، اسپتالن جي اڻھوند ۽ ڊاڪٽرن جي غيرموجودگي انسان جي موڙ جي شرح ۾ ڏينھون ڏينھن اضافو ٿيندو پيو وڃي. انسان دنيا کي پنھنجي چؤگرد فئملي تھذيبن سان وکوڙي ڇڏيو آھي. پر انسانيت جو قدر ختم ٿيندو پيو وڃي.

صحت شعبي جي ان حالت زار کي ڏسندي اھو چئجي سگھجي ٿو تہ گھريلو سطح تي شعور ۽ انسان جي صحت خاص طور تي حمل واري عورت ۽ ٻار تي توجھ ڏيڻ جي ضرورت آھي. سرسو JHU / CCP - USAID جي مالي تعاون سان صحت جي رابطاڪاري عوام ۽ صحت جي اداري جي وچ ۾ ھڪ معاھدو ڪيو ويو. تہ جيئن ٻھراڙي جون عورتون پنھنجي سوچ گھريلو ٽوٽڪن، حڪيمن ۽ اطاعي ڊاڪٽرن کان بچندي ھڪ تصديق شده ماھر ڊاڪٽرن، سرڪاري/غيرسرڪاري صحت مرڪز ڏانھن پنھنجو لاڙو وڌائين. چاڪاڻ جو خاص طور تي اسپتال ۾ ويم نہ ڪرائڻ سبب ڪيترين قميتي جانيون موت جو شڪار ٿي رھيون آھن جنھن سبب ڳوناٽي سطح تي ماڻُن ۾ موت جي شرح وڌي رھي آھي ۽ گڏوگڏ نون ڄاول ٻارن جي موت جي شرح پڻ وڌي رھي آھي. انھيءَ صورتحال کي نظر ۾ رکندي



هي پروگرام اترين سنڌ جي 7 ضلعن سکر، لاڙڪاڻو، گهوٽڪي، جيڪب آباد، نوشهروفيروز ۽ سانگهڙ ۾ هلي رهيو آهي. پروجيڪٽ جو مقصد معاشري ۾ صحت جي ڄاڻ، شعور، سجاڳي ۽ آگاهي ڏيڻ آهي. جنهن ذريعي ماڻهن جو صحت جي طبي معائني طرف انهن جي سوچ کي تبديل ڪرڻ ته هڪ جيئن هڪ صحتمند معاشري کي جنم ڏئي سگهجي.

هن پروجيڪٽ ۾ حڪومت سنڌ طرفان ليڊي هيلٿ ورڪر جي ماڊل تحت ڳوناٺي سطح تي ڪميونٽي هيلٿ ورڪر ڪنيون ويون آهن جن جي تعليم گهٽ ۾ گهٽ ڏهه درجا آهي، هرهڪ هيلٿ ورڪر 150 گهراڻن کي پنهنجي دائري ۾ آڻي انهن کي صحت طرف مائل ڪرڻ آهي. هن پروگرام تحت هن وقت تائين 998 ڪميونٽي هيلٿ ورڪر سرسو جي پليٽ فارت تي ڪم ڪري رهيون آهن. جنهن پنهنجي مليل ٽارگيٽ مطابق 149,000 گهراڻن جي داخلا / رجسٽريشن ۽ 18,553 حمل واريون عورتون رپورٽ ڪيون آهن ۽ انهن کي ڪميونٽي سطح تي گروپن جي شڪل ۾ منظم ڪيو ويو آهي، جنهن تحت هڪ ڳوٺ ۾ چار ڪميونٽي سپورٽ گروپ (CSG) ۽ هڪ صحت ڪميٽي ناهي ويندي آهي. جنهن ۾ CHWs روزاني بنياد تي هرهڪ CHW ست گهر ۽ خاص طور تي حمل وارين عورتن جي رهنمائي ڪندي آهي. ۽ ان کي ڊاڪٽر کان معائني جو مشورو ڏيندي آهي ڇاڪاڻ ته حمل دوران تمام گهڻي احتياط جي ضرورت هوندي آهي. ۽ ضرورت مطابق انهن حمل وارين عورتن کي "ريفل سلپ" ڏيندي آهي ته جيئن اسپتال مان مفت علاج ڪرائي سگهن.

هن پروجيڪٽ جا ڪجهه مقصد جيڪي هن وقت تائين حاصل ڪيا ويا آهن.

- ڪميونٽي هيلٿ ورڪر - هن پروگرام جي گهرج مطابق سرسو جي ستن ضلعن ۾ ٽوٽل 998 ڪميونٽي هيلٿ ورڪر ڪنيون ويون آهن.
- هن پروگرام تحت هر ضلعي ۾ هڪ گروپ عالمن جو ۽ هڪ گروپ صحافين جو جوڙيو ويو آهي، جنهن جو مقصد ماءُ ۽ ٻار جي صحت جي باري ۾ مختلف وقتن تي آگاهي ڏيڻ آهي.
- پروگرام تحت ڪميونٽي گروپس ۽ صحت ڪاميٽيون پڻ ناهيون ويون آهن.
- هن پروگرام تحت ڪميونٽي مان روشن ستارا (ڪميونٽي هيلٿ ورڪر / عورت، مرد) جيڪو صحت متعلق پنهنجي خاندان کي شعوري آگاهي ڏئي انهن جي نشاندهي ڪندي ڪين انعام ۽ شيلڊون ڏنيون ويون آهن.
- هن پروگرام تحت هر ضلعي ۾ صحت ميلو / روشن ستارا پروگرام منعقد ڪيا ويا. ۽ هر اهو ڏينهن ملهايو ويو جنهن ۾ ماءُ ۽ ٻار جي صحت بابت آگاهي شامل هوندي آهي. جنهن ۾ پاپوليشن جو ڏينهن، مائرن جو ڏينهن، ٻارن کي ماءُ جو کير پيئارڻ جو ڏينهن وغيره وغيره اچي وڃن ٿا.
- پروگرام تحت "ريفرل سلپ سسٽم" ڪميونٽي سطح تي متعارف ڪيو ويو آهي، جنهن تحت حمل واري عورت کي ڪميونٽي هليٿ ورڪر CHW هڪ سلپ "ريفرل" ڏني وڃي ٿي. جنهن سبب گورنمينٽ جي ويجهي هيلٿ سينٽر تان سندس علاج / معائنو مفت ۾ ٿئي ٿو.
- ڪميونٽي هيلٿ ورڪر پنهنجي علائقن ۾ حمل وارين عورتن جي نشاندهي ڪري انهن جو خاص ڌيان رکن ٿيون ۽ انهن جو مفت معائنو ڪرايو وڃي ٿو ۽ انهن کي اسپتال ۾ ويم ڪرائڻ لاءِ اتساهيو وڃي ٿو ته جيئن ماءُ ۽ ٻار جي زندگي بچائي سگهجي.

هن پروجيڪٽ مان ستن ئي ضلعن ۾ هزارين عورتن کي فائدو پهچي چڪو آهي، اهڙا پروگرام مستقل هلڻ گهرجن ته جيئن ٻهراڙين ۾ رهندڙ غريب ماڻهن جي غربت کي ختم ڪندي ڪين صحت جون سهولتون مهيا ٿين.

هن پروجيڪٽ ذريعي ڳوناٺين عورتن کي صحت جي بنيادي آگاهي ۽ ڄاڻ گهڻي حد تائين ڏني وڃي پئي ۽ سرسو جا هيلٿ ورڪر انهيءَ سلسلي ۾ عورتن ۽ ٻارن جي صحت کي بهتر بڻائڻ لاءِ جاڳرتا ههم هلائي رهيا آهن.

هي پروجيڪٽ ٻهراڙي وارن علائقن ۾ جتي اڳ ڪائي به صحت جي سهولت ميسر نه هُئي اتي انتهائي ڪارائتو ثابت ٿيو آهي ۽ اهڙي قسم جي پروجيڪٽ جي تمام گهڻي وقت کان وني ضرورت پڻ هئي، هن سان حمل وارين عورتن کي صحت جون بنيادي سهولتون پڻ گهر ويني مليون آهن. سرسو جو اهو قدم انتهائي بهترين آهي. ان سان ڳوناٺين غريب عورتن ۾ هڪ نئين قسم جي اُميد بيهر جاڳي پئي آهي، اهڙي صحت جي مفت معائني/ علاج معلومات ۽ جاڳرتا سبب ڳوٺن ۾ گهڻي حد تائين ترقي به ٿيندي. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته ڳوناٽا پنهنجو فرض سمجهي هر چڱي ڪم ۾ اڳ کان اڳيرا رهن ته صحت جون بنيادي سهوليتون ميسر ٿي سگهن ٿيون ۽ ڳوٺن ۾ ترقي به ممڪن ٿي سگهي ٿي ۽ سنڌ جا ڳوٺ مثالي ڳوٺ به بڻجي سگهن ٿا.

# نم جو وڻ

نثار احمد پناڻ
مئنيجر NRM



وطن عزيز جا غريب جيڪي ڏور واهڻ، وستين سان واڳيل آهن اڌ صدي اڳ جيڪڏهن خطي تي جهاتي پائي ڏسبو ته 75 سيڪڙو کان مٿي ماڻهو ٻهراڙين ۾ رهندا هئا. سندن رهڻي ڪهڻي نهايت سادي هوندي هئي، زراعت مال مويشي تي سندن گذرسفر هوندو هيو. وڻن جي هيٺان پاڻيءَ جو ڇڻڪار ڪندي ڪچهريون ڄمايون وينديون هيون. نئين نسل لاءِ اهڙيون ڪچهريون تدريس اخلاقيات سيکارڻ لاءِ ڪافي هونديون هيون، جنهن ۾ وڏن لاءِ عزت احترام، مهمانن جي خدمت چاڪري ۽ خاندان جي عزت ناموس جهڙيون عملي نصيحتون شامل هونديون هيون.

ٻهراڙيون وڻڪارين سان مالامال هونديون هيون، مکڻ، ماکيءَ جا تحفا عام جام ڏنا ويندا هئا. ڏٿ ۽ کير سان مهمانن جي تواضع ڪئي ويندي هئي. شادين جا ڪاج به وڻن جي هيٺان منعقد ڪيا ويندا هئا. ويڙهي ۽ ڳوٺ وارا ڪاج لاءِ کٽ ۽ رلي ڏيندي ڪيٻائيندا ڪونه هئا. غمين جون تعزيتون پڻ وڻن جي هيٺان ويهي ڪيون وينديون هيون. عزيز اقارب ۽ پاڙيي وارا ويلا جهليندا هئا ۽ اها ماني به وڻن جي ڇانوَ هيٺان ڌرتي تي ويهي کاڌي ويندي هئي ۽ متاثر گهراڻي جي غم ۾ هرڪو دل و جان سان پنهنجو درد سمجهندي شريڪ ٿيندو هيو. ماڻهن جي عظمت ڌرتي تي ويهندي به اتم هوندي هئي، مذهب ۽ ٻولي جون وٿيون ڪونه وڌل هيون.

اهڙن وڻن ۾ پپل، سرنهن ۽ نم اول درجي جي حيثيت رکندا هئا. دورانديش بزرگ ماڻهو ويڙهن خالي هنڌن، مسجدن، اسڪولن ۽ اوطاقن ۾ مفت ۾ وڻ هڻي ڏيندا هئا. ڇوته کين خبر هئي ته وڻ هڻڻ صدقه جاريه آهي. ان جو ثواب مرڻ کان پوءِ به ملندو. جڏهن گهرن لاءِ ڪاٺ گهربو ته به وڻ ڪٽب ايندو ۽ مسافر سفر دوران وڻن هيٺان گهڙي پل لاءِ ساهه پٽڻ لاءِ ويندو ته ان کي وڻ هيٺان پاڻي سان ڀريل مٽ يا دِلو به ملندو هيو، جتان هو پاڻي پي، ساهه پٽي وري پنهنجي سفر تي روانو ٿيندو هيو.

**پس منظر**

نم جو وڻ به اهڙي ڪردار سان ڀريل ۽ ٿمٿار آهي. هي وڻ 5 هزار سال پراڻو آهي. اسان جون ٻهراڙيون جتي دريائن، واهن، شاخن، ڍنڍن ۽ ڍورن جا پاڻي عام جام هوندا هئا. اهڙي آب حيات جي ڪري زراعت ڏيهان ڏور مشهور هئي. سي وڻڪاري جام ڪندا هئا.

نم جي وڻ جو اصل وطن پاڪستان، انڊيا، بنگلاديش، سريلنڪا، ملائيشيا ۽ اولهه آفريقا ۾ عام ٿئي ٿو. هن وڻ جا ٻه ٽي قسم Species آهن، جيڪي گرم ۽ نيم گرم علائقن ۾ جام پوکيا وڃن ٿا. هي بغير پاڻي جي به زنده رهي سگهندڙ وڻ آهي. جيڪو مينهن جي پاڻي تي به گذارو ڪري سگهي ٿو. هي وڻ 90-70 فائرن هائيٽ تي پنهنجو وجود قائم رکي سگهي ٿو.

هي وڻ سؤ فوٽ تائين وڌندو آهي. هن وڻ جي واڌ ويجهه نمورين جي ٻج ۽ چڪين جي وسيلي ٿيندي آهي.

**نم جا فائدا :** نمورين کي پاڻي ۾ ٽهڪائي سَتُ ڪڍيو ويندو آهي. اهڙي پاڻي کي فصلن تي اسپري ڪندي جيتن کي ناس ڪيو ويندو آهي. نم مان ٺهيل جيت مار دوا صحت لاءِ نقصانڪار ناهي ۽ هن کي ماحول دوست دوا به چيو ويندو آهي.

اڄ بہ سنڌ جي ڳوٺن ۾ ڪٽڪ ۾ نم جا پن وڏا ويندا آهن تہ جيئن ڪٽڪ کي سرو نہ ڪائي. سخت گرمي جي مند ۾ نم جا پن ميٽ ۾ وجهي ڇڏبا آهن. اهڙو ميٽ ٻارڙن جي جسم تي ملبو آهي جنهن سان ٻارڙن جو جسم صاف ۽ جسم تي پٽ، ڦٽ، ڦرڙيون ختم ٿي وينديون آهن.

انساني چمڙي جي بيمارين لاءِ هي وڻ نهايت ئي فائدي وارو آهي. جنهن گهر ۾ نم جو وڻ لڳل آ. اهو گهر Antiseptic طور محفوظ ٿي ويندو آهي. ڳوٺ جي چوڌاري نم جا وڻ هئڻ سان ڳوٺ ۾ وبائي بيماريون ڪونہ ٿينديون.

نم جي رس مان ڪونئر بہ ٺهندو آهي جيڪو پڻ چمڙي جي بيمارين ۽ ميڪ اپ جو سامان ٺاهڻ لاءِ مفيد آهي. نمورين کي گهوٽي پنير جيان پيئڻ سان انسان جي جسم جو رت صاف ٿي سگهي ٿو.

هي وڻ شگر جي بيماري کي روڪڻ لاءِ پڻ مفيد آهي. عام طور تي طبيب، ويج، خارش، الرجي، ڦٽ، ڦرڙين جي علاج لاءِ نم جون نموريون، پن ۽ چوڏا استعمال ڪندي دوائون ٺاهيندا آهن.

فصلن جي جهار هڪلڻ لاءِ نم جا وڻ زمين ۾ پوکجن تہ پکي پکڻ ڏکجي ويندا ۽ هي وڻ Repellant طور ڪم ڏيندو. نم جي گلن مان پڻ الرجي، خارش ۽ چمڙي جي بيمارين جون دوائون ٺاهيون وينديون آهن ۽ ميڪ اپ جو سامان پڻ ٺاهيو وڃي ٿو. نم جي ڪاٺيءَ جا ڏندڻ ٺاهڻ ٻهراڙين جي ماڻهن جي پراڻي روايت آهي. هن وڻ جي ڪاٺي فرنيچر در دروازن ۽ چوڪاٺ ٺاهڻ لاءِ استعمال ٿيندي آهي جنهن کي اڏوهي ٻنهہ ڪونہ ٿي لڳي. نم جي شاخن، چوڏن ۽ پنن مان سڪل پاڻ پڻ ٺاهي سگهجي ٿو. هن وڻ تي وينل ماکي جي رس ڪائڻ سان معدي، رت ۽ چمڙي جي بيمارين جو تدارڪ ٿي ويندو آهي.

ٻاهر جو سڙيل مريض ماکيءَ کي مهيني تائين جسم تي مکيندو رهي تہ جسم جي کل بلڪل نارمل ٿي ويندي. پوليو ۽ ماتا جي جراثيمن کي روڪڻ لاءِ هي وڻ لڳايا وڃن تہ جهجهو فائدو ٿيندو. نم جي وڻ مان ٺاهيل صابڻ پڻ جراثيمن کي روڪي ٿو.

جديد سائنس ثابت ڪئي آهي ٿي تہ هن وڻ ۾ 140 جزا موجود آهن جيڪي جاندارن لاءِ انتهائي فائديمند آهن. جنهن مان ڪجھ جزن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا:

سوڊيم، پوٽيشيم، لوٽياٽ، سادو مادو Chlorophyll، ڪئلشيم، فاسفورس، لوهہ، ٿائمين، وٽامن سي، نڪوسين، رائبوفليسيس، ڪورٽين ۽ آڪسلڪ ائسڊ وغيره وغيره. مطلب تہ هن وڻ جي گلن، پنن، شاخن، چوڏن ۽ پاڙ کي استعمال ڪندي طبيبن، ويجن حڪيمن، ڊاڪٽرن ۽ سائنسدانن، خارش، ماتا، ڦٽ، زخم، سوڄ، سائي Hepatitis، ڪينسر، رت جي خلفشار، شگر، مليريا، چمڙي جي بيمارين ۽ ٻين ڪيترن ئي مرضن جي علاج جو حل ڳولهي ڪڍيو آهي.

ڏاهن جو چوڻ آهي تہ جنهن ڏيھ ۾ نم، اڪ ۽ ٿوهر هجي، اتي بيمارين جو هجڻ اڻ ٿيڻي ڳالھ آهي. قدرت، انهن ٽنهي ۾ ايڏي تہ حڪمت رکي آهي، جو تقريباً سڀني بيمارين جو علاج، انهن سان ڪري سگهجي ٿو. ۽ هي ٽئي وڻ سنڌ ۾ عام جام آهن.

هي وڻ انسانذات لاءِ قدرت جو بيش بها ۽ انمول تحفو آهي. جنهن کي عوام الناس فطرت سان جنگ جوٽيندي ختم ڪري ڇڏيو آهي. نتيجي ۾ ٻهراڙين مان وڻڪاري ختم ٿي وئي آهي، ٻيلا ۽ جهنگ ختم ٿي ويا آهن. ان جي نتيجي ۾ انسان موسمي تبديلين Climate Change جهڙي خطرناڪ صورتحال کي منهن ڏئي رهيو آهي. اهڙين موسمي تبديلين جي ڪري اسان جا فصل، مال مويشي، ڳوٺ، شهر زراعت ۽ انفرا اسٽرڪچر داءَ تي لڳل آهي.

اسان سڀني جو قومي فرض آهي تہ وڌ کان وڌ وڻڪاري ڪندي موسمياتي تبديلي جهڙي خطرناڪ چيلينج کي منهن ڏيون ۽ هن سنسار کي جنت بي نظير ۾ تبديل ڪرڻ واري خواب جي ساڀيان ماڻيون ۽ ڌرتي کي Global warming ۽ موسمياتي تبديلين کان بچايون تہ جيئن انساني زندگيون خطري کان محفوظ ٿينديون ۽ اسان جو هيءُ ڌرتيءَ جو گولو محفوظ ۽ سلامت رهي سگهي.

# ترقي ۽ تنظيم

عاشق علي ڪلوڙ
ڊسٽرڪٽ مئنيجر - گهوٽڪي

انسان بنيادي طرح منطقي هوندو آهي ڇاڪاڻ تہ هن ڪي شيون پرکڻ ۽ بعد ۾ تجربو ڪرڻ جي صلاحيت هوندي آهي. ڳوٺن ۾ جڏهن اسين ويندا آهيون تہ اتي ڳالهہ ڳالهہ ۾ هڪ پهاڪو ضرور ڏيندا آهن جيڪو ڪنهن نہ ڪنهن حساب سان ان موقعي يا ان ڳالهہ سان مشابهت رکندو آهي. ڳوٺ جي وڏڙن جون چوٽيون جيڪي هينئر تائين مشهور آهن جنهن کي هر ماڻهو ڪنهن نہ ڪنهن موقعي ۾ استعمال ڪندو آهي. جئين اسين پنهنجي ساٿين کي سٺي نصيحت ڏيڻ مهل چوندا آهيون تہ"ٻہ تہ ٻارنهن " جنهن جو مطلب آهي ٻڌي ۾ طاقت آهي.



سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن جو بنيادي مقصد ٻہ تنظيم سازي ذريعي ماڻهن کي منظم ڪرڻ آهي تہ جيئن هو گڏجي ويهن ۽ پنهنجو پاڻ ۾ گڏيل صلاح مشورا ڪري پنهنجن مسئلن جي نشاندهي ڪري انهن کي احسن طريقي سان حل ڪرڻ لاءِ ڪوششون وٺن. سرسو 2003 کان سنڌ جي 9 ضلعن ۾ غربت گهٽ ڪرڻ جي حوالي سان ڪوشش ڪري رهي آهي، انهيءَ سلسلي ۾ سرسو گهوٽڪي اندر پڻ ڪافي عرصي کان پنهنجون خدمتون سرانجام ڏئي رهي آهي، جيئن تہ ضلعو گهوٽڪي سنڌ جي 29 ضلعن مان ٻيو نمبر ٽيڪس پريندڙ ضلعو آهي، جتي مختلف گيس ڪمپنيون، صنعتي ادارا، زرعي زمين سان گڏوگڏ قرض مهيا ڪرڻ وارا ننڍا وڏا ادارا پڻ موجود آهن. هي ضلعو ڪجهہ اپائيندڙ ضلعن ۾ ٻہ شمار ٿئي ٿو. پر بدقسمتي سان هن ضلعي ۾ تعليم جي شرح صرف 29% سيڪڙو آهي. جيڪا هن ضلعي جي ترقي تي الاهي اثرانداز ٿئي ٿي. جڏهن تہ سرسو گهوٽڪي ۾ مختلف پروگرام ۽ پروجيڪٽس هلائي رهي آهي. جنهن ۾ ماءُ ۽ ٻار جي صحت جو پروگرام، ڪجهہ اپائيندڙ علائقن ۾ ٻارن جي حقن جو پروگرام، وزير اعظم جي بنا وياج جي قرض اسڪيم، نوجوانن جي حقن لاءِ پروگرام ۽ پي.پي.ايف جي سهڪار سان رزگار جي واڌاري لاءِ بنا وياج جي قرض واري اسڪيم وغيره.

سرسو ضلعي گهوٽڪي ۾ سوشل موبلائيزيشن تحت جيڪي تنظيمون منظم ڪيون آهن انهن ۾ 7371 پاڙي سطح جون تنظيمون، 1136 ڳوٺاٽي سطح جون تنظيمون ۽ 20 سونين ڪائونسل سطح تي "لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن" جوڙيون ويون آهن. انهن سمورين تنظيمن کي فعال بنائڻ لاءِ مختلف قسمن جا پروگرام ۽ پروجيڪٽس هلي رهيا آهن. جنهن مان هڪ روزگار جي واڌاري وارو CLF پروجيڪٽ بہ آهي.

روزگار جي واڌاري واري هن منصوبي تحت -/5,100,000 سي.ايل.ايف فنڊ CLF طور 6 يونين ڪائونسلن ۾ ورهائي ڏنوويو آهي ۽ گڏوگڏ هر يونين ڪائونسل مان سي.ايل.ايف ڪاميٽي جي ميمبرن کي مختلف وقتن تي تربيتون پڻ ڏنيون ويون آهن تہ جيئن سي.ايل.ايف جو صحيح استعمال ٿي سگهي ۽ گڏوگڏ تنظيم جي غريب ميمبرن تائين آساني سان رسائي ٿي سگهي. انهيءَ حوالي سان سرسو ۽ ايل.ايس.او وچ ۾ لکت وارو هڪ معاهدو ڪيو ويو آهي جنهن ذريعي سي.ايل.ايف ۽ ايل.ايس.او پنهنجين نهيل تنظيمن ,COs VOs جي غريب ميمبرن تائين ننڍا ننڍا قرض پنهنجي مناسب ڪاروبار لاءِ ڪتب آڻڻ لاءِ ڏينديون.

**سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن ۽ ايل.ايس.او وچ ۾ معاهدو**

- هن معاهدي تحت سرسو کي اهو حق هوندو ته ايل.ايس.او پاران ڏنل سي.ايل.ايف قرض کي مڪمل طريقي سان چڪاس ۽ نگراني ڪندي، جيڪڏهن مقصد کان هٽي CLF جي رقم استعمال ڪرڻ جي ڪنهن ڪوشش ڪئي ته سرسو ۽ ايل.ايس.او ڏنل قرض واپس ڪري سگهي ٿو. سي.ايل.ايف جي رقم صرف غريب ميمبرن لاءِ هوندي جنهن جو پاورٽي اسڪور 0 کان 30 تائين هوندو ۽ اهو قرض 13% وياج تي مهيا ڪيو ويندو جيڪو بئنڪن کان تمام گهٽ آهي.
- تنظيم جي نئين ميمبرشپ لاءِ پهريان ميمبر گهٽ ۾ گهٽ 3 مهينا شرڪت ڪئي هجي ۽ بچت به جمع ڪرائي هجي ته پوءِ اهو ميمبر سي.ايل.ايف جي لاءِ حقدار ٿي سگهي ٿو.
- قرض وٺندڙ ميمبر جو معاشي ۽ مالي ترقي جو منصوبو جڙيل هجي. ۽ آمدني کان وٺي خرچ تائين، گڏوگڏ آمدني ڪيئن وڌائجي ان جا به تفصيل ضرور ڏنل هجن.
- ميمبر جي عمر 18 کان 50 سالن جي وچ ۾ هجي ۽ هو لاڳاپيل يونين ڪائونسل جو رهواسي هجي ۽ سڃاڻپ ڪارڊ ضرور رکندڙ هجي.
- اهي ميمبر جيڪي پنهنجي آمدني وڌائڻ جي خواهش رکندا هجن اهي سي.ايل.ايف قرض وٺڻ لاءِ اهل هوندا.
- ايل.ايس.او جي ڪاروباري ڪميٽي قرض ڪاميٽي ۽ جائزه ڪاميٽي جا ميمبر اهل نه هوندا.
- سي.ايل.ايف قرض جي مدت وڌ کان وڌ هڪ سال هوندي.
- رڪوري سلپ ايل.ايس.او کي هوندي، رڪوري ۽ اپريزل فارم به ايل.ايس.او جي قرضه ڪاميٽي پاڻ پريندي ۽ بعد ۾ سرسو ٽيم ان جي چڪاس ڪندي ۽ مدد ڪندي.
- جيڪڏهن ڪوبه ميمبر رڪوري وقت سر نٿو ڏئي ته ايل.ايس.او ان جي ذميوار هوندي ۽ ان جي جاءِ تي ٻيو نئون ميمبر شامل ڪري سگهي ٿي.
- ايل.ايس.او "لون سينٽر" جا ميمبر برانچ مئنيجر، عهديدارن جي چونڊ پاڻ ڪندا.
- ايل.ايس.او اپريزل ۽ رڪوري واري ڏينهن سرسو جي سوشل آرگنائيزر يا ڄاڻ واري ماڻهو کي ضرور گهرائيندي.
- لون سينٽر جي عهديدارن جي پگهار 13% منافعي مان ادا ڪئي ويندي.
- سي.ايل.ايف ٽيون پيرو قرض تائين، سرسو- ايل.ايس.او جو جوائنٽ اڪائونٽ رهندو ۽ ايل.ايس.او جي ڪارڪردگي جي بنياد تي جڏهن 100% رڪوري 100% رقم جي ڏيتي ليتي، رڪارڊ ڪيپنگ ڪانپوءِ بئنڪ اڪائونٽ سميت مڪمل ڪنٽرول ايل.ايس.او حوالي ڪيو ويندو.
- لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن پنهنجين COs, VOs جون گڏجاڻيون ڪرائڻ جي پابند رهندي ۽ ان کي فروغ ڏيندي ۽ ان جو رڪارڊ پاڻ وٽ رکندي.
- ايل.ايس.او هر ٽئين مهيني جنرل باڊي جي گڏجاڻي ۽ هر مهيني ايگزيڪيٽو باڊي جي گڏجاڻي جي پابند رهندي.
- ايل.ايس.او، سي.او کي پابند بڻائيندي ته هر گڏجاڻي ۾ هر ميمبر بچت جمع ڪرائي.

اسان کي نه صرف پنهنجي تنظيمن جي ڀلائي اتحاد ۽ اتفاق تي ڌيان ڏيڻ گهرجي بلڪ يونين ڪائونسل سطح تي عملي ڪوششون ڪرڻ گهرجن. ضروري آهي ته سڀ پاڻ ۾ گڏجي تعليمي، ثقافتي ۽ معاشي طور هڪ ٻئي کي ويجها اچون. ڀلائي ۽ نيڪيءَ جي ڪمن ۾ هڪ ٻئي جي مدد ڪريون ۽ اهي رستا تڏهن هموار ٿيندا جڏهن سچي دل ۽ سچي جذبي سان اسين اڳيان اچي اهڙو ماحول پيدا ڪنداسين جو هر ماڻهو ٻئي ماڻهو جو خير خواهه ٿئي. جيتري قدر اسان جو اتفاق ۽ اتحاد هوندو اوتري قدر اسين مضبوط ٿي پنهنجي جان غربت مان آجي ڪري سگهنداسين.

سرسو جو فلسفو به اهو آهي ته تنظيمون منظم ٿي اجتماعي مقصد ماٿي ڪاميابيون تڏهن حاصل ڪنديون، جڏهن منجهن ٻڌي هوندي. هٿ هٿ تي رکي ويهڻ سان ڪجهه هڙ حاصل نه ٿيندو آهي.

# اسان جو معاشرو ۽ نوجوانن جا حق

سيد شهنشاھ
پروگرام آفيسر MER گهوٽڪي

ڪنهن بہ قوم جي ترقي انهيءَ قوم جي نئين نسل ڪان سواءِ نہ صرف اڻوري پر ناممڪن هوندي آهي، دنيا جي هر قوم ۾ نسل جي ماڻهن جو نوجوان طبقو ان قوم جو سرمايو هوندو آهي، جنهن سان اڳتي هلي ڪري مڪمل طرح سان سماج جي سجاڳ ٿئي ٿي ۽ ان سماج کي سنواري ۽ سڌاري ٿي، ساڳئي وقت اهو نوجوان طبقو انهيءَ سماج کي اڳتي وٺي وڃي ٿو. سياڻن چيو آهي تہ نوجوان قوم جا معمار ٿين ٿا. ڇاڪاڻ تہ اهي اڳتي هلي ڪري پنهنجي ان سماج کي پنهنجي نئين ضرورتن ۽ تبديل ٿيندڙ حالتن مطابق نئون سماج جوڙين ٿا.
هونئن بہ انسان جي پوري زندگي جڻ سڪيا جو معموعي سرشتو آهي ڇاڪاڻ تہ عمر جي حساب سان زندگي جو هر لمحو انسان کي سيکاري ٿو. شيڪسپيئر بہ زندگيءَ کي سمجهڻ لاءِ ان کي ستن مرحلن ۾ لکيو آهي جنهن مان بہ خبر پوي ٿي تہ جيڪا ٻارن جي سکيا ڏهن کان اڻويهن سالن تائين ٿئي ٿي سان زندگي تي هميشہ لاءِ ڇاپ ڇڏيندي آهي، ڇاڪاڻ تہ هي عمر جو اهو حصو آهي جتي انسان پنهنجي ننڍپڻ کان نڪري جواني ۾ داخل ٿيندو آهي. انهيءَ عمر دوران ٻار ۾ مختلف قسمن جون تبديليون رونما ٿين ٿيون جنهن ۾ ظاهري احساس، دماغي ۽ سماجي تبديلي جتي طرح سان انسان جي جسامت، قد، آواز ۽ لهجي ۾ فرق نمايا ٿو. دلي ۽ دماغي طرح سان انسان جي سکڻ، سمجهڻ ۽ خيالن ۾ فرق اچي ٿو ۽ جذهن احساسي طرح سان ڏسجي تہ ڏک، سُک، خوف، نفرت ۽ ڪاوڙ ۾ بہ فرق ايندو آهي ۽ ٻارن ۾ انهيءَ عمر دوران سماجي طور رشتن کي نڀائڻ ۾ بہ نمايان فرق ظاهر ٿئي ٿو.




جيڪڏهن انسان پنهنجو پاڻ کي سجاڳي وٺي تہ هوند پنهنجا حق بہ عمر جي حساب سان وٺي سگهي ٿو. پر اها بہ حقيقت آهي تہ 10 کان 19 سالن جي ٻار کي جيڪا ترجيح ۽ تربيت ڏيڻ گهرجي سان ڪونہ پئي ڏني وڃي، جنهن ڪري بہ هو احساس محرومي جو شڪار ٿي وڃي ٿو. ۽ پنهنجو حق وٺڻ کان بہ محروم رهجي وڃي ٿو. جڏهن اسان نوجوانن جي حقن جي ڳالھ ڪنداسين تہ فوراً اسان کي "ايڊولسينٽ امپروونگ لائيوز ان پاڪستان"

(Adolescent improving Lives in Pakistan) جو خاڪو اسان جي دماغ ۾ ايندو آهي، هي ايڊولسينٽ پروجيڪٽ انڊيا، افغانستان سان گڏ پاڪستان جي ٻن صوبن ۾ ڪم ڪري رهيو آهي.

هي پروجيڪٽ يونيسيف جي مالي سهڪار، سرسو ۽ آر.ايس.پي.اين جي گڏيل معاونت سان گهوٽڪي ۽ خيرپور ۾ ڪاميابي سان هلي رهيو آهي.



- هن پروجيڪٽ ڪي هلائڻ جا ڪجھ مقصد آهن: جنهن تحت ننڍين ٻارن ۽ نوجوانن کي تربيتن ۽ سرگرمين ذريعي انهن ۾ موجود صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ ته جيئن مستقبل جا معمار ايندڙ وقت ۾ پنهنجا حق سڃاڻي ۽ وٺي سگهن ۽ پنهنجي راءِ جو اظهار آزادي سان ڪري سگهن.
- هن پروجيڪٽ هڪ خاص ڳالهه اها ٻه آهي ته ڳوناٽين تنظيمن سان گڏ، سماجي، مذهبي، سرڪاري ۽ غيرسرڪاري ادارن جي عملدارن کي پڻ شامل ڪري انهن کي مختلف سرگرمين ذريعي آگاهي ڏني ويندي آهي ته جيئن هو ٻارن کي معاشري ۾ ٿيندڙ زيادتين ۽ ناانصافين کان تحفظ فراهم ڪن.
- ڏهن کان اڻويهن سالن جي ٻارن کي سندن حقن بابت معلومات فراهم ڪرڻ لاءِ تربيتي پروگرام منعقد ڪرائڻ.
- ڳوناٽن طرفان چونڊيل رضاڪارن ۽ فعال ڪارڪنن کي ننڍين ٻارن ۽ نوجوانن جي حقن ۽ تحفظ کي يقيني بڻائڻ لاءِ تربيتون ڪرائڻ ۽ مقامي ماڻهن کي سندن حقن بابت جاڳرتا ۽ آگاهي جو پيغام هلائڻ.
- يونين ڪائونسل، ضلعي ۽ صوبائي سطح تي پروگرام منعقد ڪرائڻ، نوجوان ۽ ننڍين ٻارن سان گڏ ڳوناٽن، سماجي ۽ مذهبي اڳواڻن، سرڪاري ۽ غيرسرڪاري ادارن جي نمائندن جي شرڪت کي يقيني بڻائڻ لاءِ ڪوششون وٺڻ.
- ذڪر ڪيل ضلعن ۾ هر هفتي ڳوٺن اندر جمعي نماز جي خطبي دوران ماءُ ۽ ٻار جي تحفظ ۽ حقن بابت اسلام نظريي مطابق آگاهي ڏيارڻ کي يقيني بڻايو پيو وڃي.
- ٻارن جي حقن ۽ تحفظ بابت معلوماتي مواد جي ورهاست سان گڏ موبائل فون ذريعي پيغامن جي ورهائڻ پڻ هن پروگرام جو حصو آهي.

هن پروجيڪٽ جي شروعاتي مرحلي ۾ ئي سماجي اڳواڻن جي چونڊ سان گڏ ڏهه کان اڻويهن سالن جي ٻارن جي چونڊ ڪري انهن کي مختلف گروپن جي شڪل ۾ تنظيم سان منظم ڪيو ويندو آهي ته جيئن پروجيڪٽ جي ڪاميابي کي يقيني بڻائي سگهجي ۽ بهتر نتيجا حاصل ڪري سگهجن.

*

# سارين جو فصل

نثار احمد پناڻ
مئنيجر NRM



## مقدمو :

سنڌ ديس جا ميداني علائقا زراعت لاءِ ڏيهان ڏيهه مشهور آهن، جنهن جي سينڌ مان آب حياب ڦٽندي سندو ندي وهي ٿي. هتان جي فصلن ۽ اَناجِي جنسن دنيا ۾ مڃتا ماڻي آهي.

زراعت واري پيشي کي عبادت سڏيو ويندو آهي. چاڪاڻ ته جمڻ کان وٺي مرڻ تائين، خوشين کان غمن تائين ماڻهو جو واهپو جن به شين سان رهندو آهي سا ڪنهن نه ڪنهن حوالي سان زراعت سان منسوب آهن. بڪايل پيٽ جي باهه کي گهٽائڻ کان وٺي اگهاڙي بدن کي ڍڪڻ تائين زراعت مان پئدا ٿيل شيون ڪتب اچن ٿيون.

هي ڪرت ڪليل آسمان هيٺ زمين تي الله پاڪ جي آسري ۽ توڪل تي ڪئي ويندي آهي. جنهن ۾ آبادگار هرُ ڪاهي، ٻج، پاڻ زمين ۾ هاري ٿو ۽ اڳيان قدرتي آفتن، ٻوڏ، برسات، واچوڙن، گرمي ۽ سردي جهڙا خطرا سِرَ تي ڪٽندي پنهنجو سرمايو لڳائي ٿو. ان ڪري هن کي راهڪي يعني الله جي راهه ، آسري ۽ توڪل وارو ڪم به چيو ويندو آهي. هن ڪم کي صدقہ جاريہ سڏجي ته وڌاءُ ڪونه ٿيندو چاڪاڻ ته زراعت مان پکي پکڻ، نانگ، نور، ڪوئا، گدڙ،جانور ۽ سمورا جاندار پنهنجو جياپو قائم رکيو اچن ٿا.

## پس منظر



سارين جو فصل ڪڏهن پوکيو ويو ان جي اصل ڏسُ تاريخ ۾ ڪونه ٿو ملي، البتہ ان جي شروعات وچ ايشيا کان ٿي. تاريخ ٻڌائي ٿي ته چين ۾ ٽي هزار سال (ق م) هي فصل پوکيو ويندو هُيو ۽ تبرڪ جي طور اُن وقت جو بادشاهه پوتو هٿي فصل پوکڻ جي شروعات ڪندو هو.

وچ ايشيا کان پوءِ هي فصل چين، آمريڪا، فلپائن، آسٽريليا ۽ مڊل ايسٽ تائين مڃتا ماڻيندي دنيا جو اهم ترين خوراڪي فصل بڻجي ويو. پوري دنيا جي 60% سيڪڙو آبادي چانورن کي کاڌي طور استعمال ڪندي پنهنجي جسم جي غذائي ضرورتون پوريون ڪري ٿي. هي دنيا ۾ وڌ کان وڌ کاڄندڙ هڪ نمبر فصل آهي، جنهن بعد ڪڻڪ جو نمبر اچي ٿو. پاڪستان ۾ هن فصل جي پئداوار 7.5 ملين ٽن آهي. ملڪ جي عوام لاءِ 40% چانور گهربل هوندا آهن ۽ باقي ٻاهرين ملڪن ۾ موڪلي ناڻو ڪمايو وڃي ٿو.

چانورن ۾ قدرتي طور تي گهڻي مقدار ۾ خوراڪي جزا موجود آهن جنهن جو شمار ڪجھ هن ريت آهي:




| | |
|---|---|
| پاڻي | 12.8% |
| نشاستو | 76-78% |
| سٽپ | 5-17% |
| لوڻ | 6-14% |
| پروٽين | 7.3% |
| جست | 2% |
| آئرن | 3% |
| وٽامن | 8% |
| فائبر | 4.15% |

هن ۾ فائبر ۾ سيلولوز، لگنن، پيڪٽن ۽ بيون انزائيم پڻ ٽين ٽيون، جنهن جي ڪري هاضمي وارو عمل بهتر ۽ تيز ٿئي ٿو. هن ۾ ڪئلشيم، سوڊيم وٽامن B6 ۽ وٽامن AEK به موجود آهي.

**زمين جي چونڊ:** هن جي لاءِ وچولي لٽاسي دريائي زمين ڪاچي واري، هلڪي وارياسي زمين نهايت ئي موزون آهي. پر هي فصل هر قسم جي زمين ۾ ٿي سگهي ٿو. البته لوٽياني/ تيزابي يا ڪلراٺي زمين نه هجي.

**زمين جي تياري:** ٽي ڪان چار اونها هر هلائڻ گهرجن، ان بعد زمين جو سنوت ليزر مشين ذريعي ٺيڪ گهرجي. اهڙي عمل سان فصل کي بهتر پاڻي ملي سگهندو. راجا هر ۽ ڪالهي هر هلائڻ سان زمين جي بهتر اٿل پٿل ٿي ويندي بعد ۾ زمين کي سنوت ۾ آڻڻ ۽ ڪيڻ يا ليزر سان سنوت انتهائي ضروري آهي. لڳاتار سارين جو فصل پوکڻ سان زمين جي زرخيري گهٽجي ٿي، ان ڪري في ايڪڙ 50 گاڏيون وٽاڻ جو ڀاڻ سڪي زمين ۾ ڇٽي هر هٽي ڇڏجي. سارين جي فصل حاصل ڪرڻ بعد ان ۾ ڇٽا، مٽر، چونرا، گوار، لوسڻ يا برسيم پوکجي ته جيئن زمين جي زرخيري کي تقويت ملي. مٿين فصلن کي بيٺل حالت ۾ هر هٽي اگر زمين ۾ ملائجي ته سائي ڀاڻ جي طاقت وارا جزا زمين جي زرخيزي ۾ اضافو ڪندا.




هونئن ته سارين جي بهتر پئداوار حاصل ڪرڻ جا هيٺيان اصول آهن:

1. زرعي سفارشن موجب زمين جي تياري ڪجي.
2. بهتر پئداوار ڏيندڙ نج ٻج استعمال ڪجي.
3. فصل جي پوکائي وقتائتي ڪجي ۽ في ايڪڙ ٻوٽن جو تعداد برقرار رکجي.
4. سفارش ڪيل پاڻي جو مقدار صحيح وقت تي استعمال ڪجي.
5. گندگاهه کي ناس ڪجي.
6. سفارش ٿيل ڪيميائي ڀاڻ ۽ وٽاڻ جو ڀاڻ استعمال ڪجي.
7. جيت جڻين کي وقت سر ناس ڪجي.
8. وقتائتو لابارو ڪندي اناج کي سٺي نموني ذخيرو ڪجي.
9. سنو اگهه وٺڻ لاءِ مارڪيٽ تلاش ڪجي.

**آبهوا:** هي فصل گرم آبهوا ۾ ٿئي ٿو ۽ خريف جو مکيه فصل سمجهيو ويندو آهي. هن لاءِ پاڻي جو جهجهو مقدار گهربل هوندو آهي. درجه حرارت 35-40c ۽ سٺي سج جي روشني هن لاءِ اهم آهن. هن کي مسلسل تازي پاڻي جي ضرورت پوندي رهندي آهي. فصل ۾ بيٺل گرم پاڻي جو نيڪال ٿيڻ ۽ تازي پاڻي جو اچڻ بهتر پئداوار لاءِ ضروري آهي.

**ٻج جي چونڊ :** اڄڪلهه هائبرڊ ٻج چين کان درآمد ٿئي ٿو. جنهن جي پئداواري صلاحيت 120 مڻ في ايڪڙ آهي. ان ٻج جي پوکائي جديد ٽيڪنالاجي تحت ڪئي وڃي. باقي فيڊرل سيڊ سرٽيفڪيشن گورنمينٽ آف پاڪستان کان تصديق ٿيل ٻج پوکجي جنهن ۾ IRRI-6 ,IRRI-9 ,IRRI-8 شاندار شاهڪار DR-76 ,DR-83 ,DR-92 ڪنول 95، شاداب، خوشبو، سڳداسي، سداحيات ۽ جڳ مشهور جنس باسپتي آهي. دنيا ۾ باسپتي چانور نهايت ئي مشهور آهن. اهڙي خوشبو جهڙا چانور جنهن جو برانڊ رجسٽرڊ ڪرائيندي ڪروڙين ڊالر ڪمايا وڃن ٿا، حالانڪ هي سنڌ جي هڪ قيمتي پئداوار آهي.

ٻيجارو پوکڻ لاءِ ٻاريون 33x33 فوٽن جون بهتر نموني سان تيار ڪجي، ان ۾ ڇيڻي، توتڙ، ٻهه يا پلال کي رکي ساڙجي ۽ پاڻي ڏئي ٻج ڇٽجي ته جيئن ٻيجارو پٽڻ ۾ پاڙ کي نقصان نه ٿئي. ٻيجاري ۾ صرف يوريا ياڻ استعمال ڪجي.

**سارين جي پوک جا طريقا :** اسان جي سنڌ ۾ ٻن طريقن سان پوکائي ٿئي ٿي. پهريائين ٻيجارو تيار ڪري پوءِ رونبو ڪيو ويندو آهي. ٻيو سڌوسنئون تيار ٿيل زمين ۾ سارين جو ٻج ڇٽيو ويندو آهي. رونبو قطارن ۾ ڪرڻ سان پئداوار بهتر لهي ٿي. دنيا ۾ پوکائي جا اهي ئي ٻئي طريقا مروج آهن. جنهن ۾ ڇٽ يا رونبو پاڻيءَ اندر ڇٽي، تيار زمين ۾ ۽ پئراشوٽ طريقو به آهي وغيره.

**رونبي لاءِ ٻيجارو تيار ڪرڻ :** زمين جي ڪجهه حصي کي سنا ۽ اونها هر هڻجن پوءِ پتر پڇي، ٻج لاءِ ٻاريون ناهجن. ٻارين جي ايراضي 6 فوٽ ويڪري ۽ 10 فوٽ ڊگهي رکجي. ان ۾ وٽاڻ جو ياڻ، پلال ۽ توتڙ مٿاڇري تي يڪسان ڦهلائي ڇڏجي. بعد ۾ ان کي ساڙجي ته جيئن ڏيڊ کان به انچ خاڪ جو تهه ٺهي وڃي. ٻئي ڏينهن تي ٻج کي اهڙي طرح ڇٽجي جو خاڪ جو تهه ٻج جي مٿان چڙهي وڃي. پوءِ هلڪو اهڙي ريت پاڻي ڏنو وڃي جو وهڪري سبب ٻج هڪ هنڌ جمع نه ٿي سگهي.



ٻج جي ڦٽڻ تائين هر روز هلڪو پاڻي ڏيڻ لازمي آهي.

ان بعد پاڻي جو استعمال هڪ ڏينهن ڇڏي ٻئي ڏينهن تي ڪرڻ گهرجي ايستائين جو ٻيجارو رونبي لائق ٿي پوي. ٻه ڪلو يوريا في ٻاري ۾ ڇٽجي ته جيئن ٻيجارو تندرست ڦٽي. جيڪڏهن ٻيجاري تي ڪنهن جيت جٽئي جو حملو ٿئي ٿوته ڊائزنان يا باسوڊين يا ڪراٽي يا ليمبا جو ڦوهارو ڪجي. ٻيجارو 20 کان 30 ڏينهن جو ٿي وڃي ته ان کي رونبي جي لائق سمجهيو ويندو آهي.

**پاڻي جو استعمال :** زمين ۾ رونبي جي 3-4 ڏينهن اڳ پاڻي ڏجي، زمين جي مٿاڇري تي ڏيڊ کان ٻه انچ پاڻي هميشه بيٺل رهي. زرعي تحقيق مطابق 15 مئي کان رونبا شروع ڪري ڏجن، ستن کان ڏهن ڏينهن بعد ٻوٽن جي چڪاس ڪرڻ گهرجي ته مَرائِي سائي آهي يا مرجهايل، سارين ۾ تازو پاڻي ڏيندو رهجي ته جيئن بيٺل گرم پاڻي نيڪال ٿيندو رهي. هر مَرائِيءَ ۾ 2-4 تيلا هجن، جنهن طريقي سان ايڪڙ ۾ 90 هزار کان هڪ لک تائين ٻوٽا رونبو ٿي ويندا. صحتمند ٻيجارو هڪ مهيني اندر تيار ٿي ويندو آهي ۽ هائبرڊ جنسون جلدي تيار ٿي وينديون آهن. وڌيڪ آبپاشي ڏيڻ ۽ زمين جي سني سنوت نه هجڻ سان پئداوار گهٽ لهندي آهي.

**ڪيميائي ياڻ جو استعمال:** هڪ ٻوري DAP زمين جي تياري وقت يا ٻه ٻوريون نائٽروفاس (ٻه ٻوريون سنگل سپر فاسفيٽ ۽ هڪ ٻوري پوٽاش ڏيڻ سان فصل جي پئداوار بهتر ٿيندي) پوکائي جي هڪ مهيني بعد 1 ٻوري يوريا ۽ ڍِڪِي جي وقت هڪ ٻوري يوريا سفارش ڪجي ٿي.

**جيتن ۽ بيمارين کان روڪ ٿام:** فصل ۾ نيساري کان اڳ ٽڙ جو گڏر Stem borer ها پر ٽرپس جو حملو ٿيندو آهي. ان لاءِ داڻيدار دوائون، ڪارٽيپ، ڪاربامينٽ، مونومي هاپو گروپ جون دوائون ڇٽجن يا ايمياميڪٽرن 250cc في ايڪڙ اسپري ڪجي. سارين جو چوٽيون پوريون ناسي ٿين ته زنڪ سلفيٽ جو استعمال ڪجي.
وقتائتو لابارو ڪري، ٻار ناهجي، سٽ ڪٽ به هڪ طريقو آهي. ڳاهه ڏاندن وسيلي يا ٿريشر سان ڪجي.



**لابارو:** لاباري کان 10 ڏينهن اڳ زمين مان ريج جو پاڻي نيڪال ڪيو وڃي. فصل کي گهڻي وقت لاءِ ڇڏي ڏيڻ سان ڇاڻو ٿيندو، انهيءَ ڪاڪ مان اينڊڙ فصل جو خالص پڻ نه رهندو. سارين جا داڻا جيڪڏهن ڇٽيا ته ان تي پکي پکڻ پڻ ايندا، جنهن سان بيٺل فصل کي ويتر نقصان جو انديشو آهي ۽ فصل جي ڪوالٽي به متاثر ٿيڻ جو خدشو آهي. 90 سيڪڙو داڻن جو رنگ سونهري ٿئي ته لابارو ڪيو وڃي. ۽ سٽريون ناهي رکجن، اندازاً هڪ هفتي بعد ديرو ناهي، ڳاهه ڳاهجي. هن جو پلال مال جي کائڻ جي ڪم ايندو آهي.

**پئداوار:** چانورن جون گارڊ هائبرڊ 100-120 مڻ في ايڪڙ پئداوار جڏهن ته ايري 6، اِري 8، 9، اسي کان پنجاسي مڻ في ايڪڙ پئداوار ڏين ٿيون. ان بعد لطيفي، باسمتي، ڏوڪري باسمتي مان 70 مڻ في ايڪڙ حاصل ٿئي ٿي. جڏهن ته شعاع، شاداب کي پڻ سٺي نظر سان ڏٺو وڃي ٿو. سڳداسي جنس اجڪلهه اڻ لڀ آهي. سارين جي فصل مان بايو فيول نهي ٿو. چوپائي مال جو فيڊ، چانورن مان بسڪيٽ، ڪٽي يا ٽوٽڙ مان تيل، ڪڙ وغيره وغيره ناهيو وڃي ٿو.




سارين مان حاصل ٿيل پلال پڻ جانورن کي کارايو ويندو آهي. جديد ٽيڪنالاجي مطابق چانورن کي Latest طريقي سان (Process) ڪندي جهجهو ناڻو ڪمائي سگهجي ٿو.

*

# لڳ منهنجا لوهه

تپي ڪنڌين ڪوهه، ڏونگر ڏکوين ڪي،
جي تو پهڻ پٻ جا، ته لِڳ منهنجا لوهه،
ڪنهن جو ڪونهي ڏوهه، امر مون سين ائين ڪيو!. (شاهه)

**احمد خان سميجو**
ڊسٽرڪٽ مينيجر جيڪب آباد



بهتر زندگي گذارڻ لاءِ پهريون شرط صبر ۽ تحمل آهي. جو ته ڏک سکن جي سونهن هوندا آهن. پراطمينان ۽ سُڪون فقط انهن ماڻهن کي نصيب ٿيندو آهي جيڪي جستجو ڪندا آهن ۽ هميشه پنهنجي حال تي، صبر ڪندي خوش رهندا آهن. ڪيترين مشڪلاتن هئڻ باوجود به ڪڏهن مايوس ناهن ٿيندا ۽ اميد جو دامن ناهن ڇڏيندا نل شهر جي پر ۾ واقع ڳوٺ منو سرڪي، يونين ڪائونسل شيرواهه، تعلقو نل ۽ ضلعو جيڪب آباد جي رهواسڻ 27 ورهين مسمات وزيران زال شفيع محمد به هميشه صبر جو دامن ناهي ڇڏيو. سندس ننڍپڻ ۾ ئي هن جي مٿي تان والد جي شفقت جو هٿ ۽ ڇانو ختم ٿي وئي. ڪجهه عرصي بعد سندس جي مٿان وري ماءُ جي ممتا ڪي پڻ پَرپرو ڪيو ويو ۽ هن جي امڙ ڪي ٻي هنڌ پرڻايو ويو. هن جي زندگي ۾ اهنجن جي شروعات ٻالڪپڻ ڪان ئي شروع ٿي ۽ هوءَ پنهنجي ڏاڏي ۽ چاچن جي پالنا هيٺ رهي. هوءَ جڏهن اسڪول وڃڻ جي عمر جي ٿي ته چاچن ڪيس ڳوٺ جي سرڪاري پرئمري اسڪول ۾ داخل ڪرايو. جتي هن مسلسل پڑهائي جاري رکي ۽ پنج درجا پرائمري تعليم پاس ڪيائين. ڳوٺ ۾ مدل اسڪول نه هئڻ ۽ غربت سبب وڌيڪ تعليم حاصل ڪري نه سگهي.

جيئن ته وزيران ننڍپڻ ڪان ئي خوش مذاج طبيعت جي مالڪ هئي تنهن ڪري هن راند روند سان گڏ گهڻو وقت گهر ۾ ڀرت ڀرڻ، رليون ناهڻ ۽ اڳٺ ناهڻ جي هنر تي به ڌيان ڏنو. ۽ اهو وقت به اچي ويو جڏهن هن جي شاديءَ جون تياريون شروع ڪيون ويون، ۽ هڪ ڏينهن هن جي شادي پڻ سندس وڏي پيٽ جيان پنهنجن ۾ ڪرائي وئي. هن جو گهر وارو ڳوٺ ۾ هارپو ڪندو آهي. زندگيءَ پنهنجي رفتار سان گذرندي رهي ۽ کيس 5 نياڻن ۽ هڪ پٽ جي اولاد به ٿيو. پر سندن زندگي غربت ڪان آجي نه ٿي. جڏهن سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽايو پروگرام UCBPRP سرسو - سنڌ حڪومت (GoS) جي مالي تعاون سان شروع ڪيو ۽ غربت جي درجابندي بعد پاڙن سطح جي تنظيمن COs ۽ ڳوٺ سطح تي VOs جي تنظيمن ۾ عورتن ڪي متحد ۽ منظم ڪرڻ جو سلسلو شروع ٿيو ته مسمات وزيران پڻ ڳوٺ جي عورتن ڪي گڏ ڪرڻ شروع ڪيو ۽ پاڻ به تنظيم ۾ شموليت اختيار ڪئي. چوته وزيران پنهنجي ڳوٺ ۾ هڪ سلجهيل ۽ پڑهيل لکيل هئڻ سان گڏ ڪافي محنتي پڻ هئي. تنظيم ناهڻ ڪان پوءِ هوءَ وڌيڪ متحرڪ ٿي وئي.

هن جي خواهش هئي ته ڳوٺ ۾ ڪابه ڇوڪري اڻ پڑهيل نه هجي، پلي پنج درجا ئي پڑهي پر پڑهي ضرور. انهيءَ ڪري هن تنظيم جي سمورين عورتن خاص ڪري نياڻن ڪي پڑهائڻ تي وڌيڪ ڌيان ڏنو ۽ ڳوٺاڻين عورتن ڪي پڻ جاڳرتا ڏيندي رهي. جڏهن ته مسمات وزيران جي وڏي نياڻي پنج درجا پرائمري پاس ڪري گهر جي ڪم ڪار ۾ سندس هٿ ونڊائي رهي آهي. بدقسمتي سان هن ڳوٺ ۾ مدل اسڪول نه هئڻ ۽ غربت سبب وڌيڪ تعليم حاصل

ڪرڻ کان قاصر آهي. پر وزيران ڪڏهن همت ناهي هاري ۽ سندس ٻه نياڻيون ۽ هڪ پٽ اڄ ٻه ڳوٺ جي سرڪاري اسڪول ۾ پرائمري تعليم حاصل ڪري رهيا آهن.

ڳوناٺو ماحول، تعليم گهٽ ۽ ڳوناٺن جو گذرسفر مال مويسي ۽ هارپو، جيڪو ڄڻ ته ڪين ورثي ۾ مليو هجي.

ايئن ئي مسمات وزيران جي زندگيءَ جو چرخو هلي رهيو هو. جون 2014 ۾ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) پاران يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽايو پروگرام تحت غريب ترين گهراڻن ۾ مفت روجهه وهڙيون (ڳئون) Heifers جي ورهاست جو هڪ پروگرام شروع ڪيو ويو ته مسمات وزيران ڪي ٻه تنظيم جي متحرڪ ڪارڪن ۽ سندس جو تعلق غريب گهراڻي سان هئڻ ڪري سندس نالو انهيءَ پروگرام ۾ شامل ڪيو ويو ڇوته مسمات وزيران ٻه انهن غريب گهراڻن مان هڪ هئي جنهن جي پاورٽي اسڪور جي شرطن ۽ ضابطن مطابق چونڊ ڪئي وئي هئي. پروگرام تحت هڪ روجهه وهڙي Heifer (ڳئون) ڪيس ڏني وئي.



مسمات وزيران چواڻي ته مون کي پهريان ته يقين ڪونه پئي آيو ته مون کي وهڙي (ڳئون ملندي، پر جڏهن پنهنجو نالو سرسو جي لسٽ ۾ ڏٺم ته مون کي پڪ ٿي ۽ پوءِ مون کي چيائون ته توهان کي سرسو - حڪومت سنڌ جي پاليسي تحت هڪ ڳئون ڏني پئي وڃي ته جيئن ان کي پالي آمدني ڪمايو ۽ پنهنجي غربت کي ٿورو گهٽ ڪريو، مون کي تمام گهڻي خوشي ٿي، سوچيم ته قسمت موقعو ڏنو آهي ان مان ڀرپور فائدو وٺجي پلو ٿئي سرسو ٽيم ۽ سنڌ حڪومت جو جن مون کان ان وهڙي جي عيوض ڪائي به رقم نه ورتي، مون ان ڳئون جي پوري توجه سان سارسنڀال ۽ پالنا ڪئي. ۽ جنوري 2017 تي ڳئون ٻن ڦرن Twins (مادي ڳابين) کي جنم ڏنو، مون کان وڌيڪ ته منهنجا ٻارڙا خوش ٿيا ته هاڻ گهر ۾ کير به پيئنداسين.

مسمات وزيران ٻڌايو ته منهنجي پنهنجي خواهش به هئي ۽ ٻارڙن جو ضد به هوندو هو ته گهر ۾ ٻڪري يا ڳئون ضرور هجي ته اسين ان کي پاليون. پر غربت سبب اهو اسان لاءِ رڳو هڪ خواب ئي هو. پر سرسو جي غريبن سان مدد ۽ سهڪار سبب اهو خواب حقيقت جو روپ وٺي اسان جي زندگيءَ ۾ آيو ۽ هاڻي اسان جي گهر ۾ اعليٰ نسل جي هڪ روجهه ڳئون ۽ ٻه ڳابيون آهن. اسان لاءِ ته تمام وڏي ڳالهه آهي. هاڻ اسين سرسو جي سهڪار سان پنهنجي ذاتي مال جا مالڪ بڻجي ويا آهيون اسان لاءِ ته فخر جي ڳالهه آهي گذوگذ ڪنهن معجزي کان گهٽ به ناهي. ڇوته اڄڪلهه جي دؤر ۾ ڪير ٿو ڪنهن جي مدد ڪري، اسان کي خوشي آهي ته هاڻ اسان کي ٿورو گهڻو سهارو ته مليو، هڪ غربت کان ڇوٽڪاري جي هڪ واٽ ملي، اسين ڪوشش ڪندا سين ته اسان جو ساٿ سرسو سان سدائين رهي رهي ۽ سدائين سرسو ۽ سنڌ حڪومت اسان غريبن جي مدد ۽ سهڪار ڪندي رهي ته جيئن اسين غريب مان پنهنجي جان ڪجهه آجي ڪري سگهون.

*

# سنڌ جو تعليمي نظام

نعمت الله شيخ
سينيئر مئنيجر
سوشل سيڪٽر سروسز

**مقدمو :**

اها ڳالهه طئي شده آهي ته تعليم کان سواءِ ڪوبه ملڪ ترقي نه ٿو ڪري سگهي. جڳ مشهور ڏاهي افلاطون چيو آهي ته تعليم مناسب عادتن جي ذريعي نيڪي سکڻ جو نالو آهي. ارسطو جي قول جي مطابق تعليم سياسيات جي هڪ شاخ جنهن سان سماج ۾ استحڪام پيدا ڪري ڏيڻ کان علاوه ماڻهن ۾ نيڪي ۽ عمده اخلاق پيدا ڪري ٿي. تعليم جو سڀ کان اهم مقصد معاشري کي بهتر انسان مهيا ڪرڻ ۽ سٺا شهري پيدا ڪرڻ آهي ته جئين ملڪ صحيح رستي تي استوار ڪرڻ لاءِ گهٽي جدوجهد نه ڪرڻي پوي. اهي قومون ڪڏهن به ترقي نه ٿيون ڪري سگهن جيڪي تعليمي ميدان ۾ پوئتي هونديون آهن. پاڪستان ۾ هن وقت 3 لک 3 هزار 446 پهرين کان ٻارهين درجي تائين جا تعليمي ادارا ڪم ڪري رهيا آهن. انهن ادارن ۾ 4 ڪروڙ 74 لک 91 هزار ٻارڙا تعليم پرائين ٿا. ۽ انهن تعليمي ادارن ۾ ٻارن کي 17 لک 23 هزار 790 استاد ۽ ماستريائيون ڪين تعليمي زيور سان آراستا ڪري رهيون آهن. جاڻ موجب سرڪاري ادارن ۾ 2 ڪروڙ 78 لک 89 هزار ۽ پرائيويٽ اسڪولن ۾ هڪ ڪروڙ 98 لک ٻار تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. تعليمي سرشتي ۾ 52 سيڪڙو استاد سرڪاري ۽ 48 سيڪڙو استاد پرائيويٽ اسڪولن ۾ پڙهائي رهيا آهن. جڏهن ته تعليمي ادارن ۾ 56 سيڪڙو شاگرد ۽ 44 سيڪڙو شاگرديائيون تعليم حاصل ڪري رهيون آهن. انهن ٻارڙن کي تعليم ڏيڻ لاءِ مقرر ڪيل استادن ۾ 41 سيڪڙو مرد ۽ 59 سيڪڙو عورت استاد شامل آهن..

صوبي سنڌ جي تعليمي نظام جي تفصيل هيٺ بيان ڪجي ٿي :

**سنڌ جي تعليم جي نظام جي موجوده صورتحال**

سنڌ ۾ جيتوڻيڪ پهرين درجي کان ٻارهين درجي تائين حڪومت سنڌ جا هزارين اسڪول آهن، جتي مقرر هزارين استادن کي وڏيون پگهارون به ڏنيون وڃن ٿيون، پر اڃا به سنڌ اندر هزارين اسڪولن جي لکين ٻارڙن کي بنيادي سهولتن بجلي، پيئڻ جو صاف پاڻي، ٻاٿ روم، ڪلاس روم، بليڪ بورڊ، پڪا ٽوڙي ويهڻ جي لاءِ بئينچن جي ڪوٽ کي منهن ڏيڻو ٿو پوي ۽ سوين اسڪول هن وقت به وڏيرن جون اوطاقون بڻيل آهن. سنڌ جي اڪثر ضلعن ۾ هڪ ڳوٺ ۾ هڪ اسڪول يا وري اسڪول نالي ڪا شيءِ ئي ناهي. ۽ وري ڪن ڳوٺن ۾ لکين رپين جي خرچ سان 4-4 اسڪول ناهيا ويا آهن. جتي استاد اڻ لڀ آهن ۽ اُهي اسڪول ڳوٺاڻن جي مرڻن، پرڻن ۽ وڏيرن جي ذاتي اوطاقن طور استعمال ۾ ڪم اچن ٿا، ساڳي طرح وري خانگي (پرائيويٽ) اسڪولن ۾ ٻارن کان ڳريون فيسون وٺي پڙهائيندڙ استادن کي گهٽ پگهارون ڏنيون وڃن ٿيون. ننڍن ننڍن عمارتن ۾ خانگي اسڪول ناهيا ويا آهن.

مجبوراً سنڌ واسي انهن خانگي اسڪولن ۾ پنهنجن ٻارن جي بهتر مستقبل لاءِ داخلا ڪرائين ٿا. پر انهن خانگي اسڪولن ۾ ٻارن کي بهتر تعليم نه ٿي ملي. سنڌ حڪومت تعليم کاتي جي ترقياتي بجٽ 17 ارب 23 ڪروڙ 30 لک رپين مان وڌائي هن سال 18-2017 ۾ 21 ارب 12 ڪروڙ 80 لک رپيا ڪئي وئي آهي. ساليانى ايتري بجٽ هوندي به سرڪاري اسڪولن ۾ پڙهائي جو معيار بهتر نه ٿي سگهيو آهي. هن وقت سنڌ ۾ 45447 اسڪول ۽ ڪاليجون آهن، جنهن ۾ پرائمري جا 41131 مدل جا 1783، ايليمينٽري 546 هاءِ اسڪول 1696 ۽ هائير سيڪنڊري ڪاليجز 291 آهن. انگن اکرن موجب سنڌ ۾ پهرين درجي کان ٻارهين درجي تائين 45 هزار 447 اسڪولن ۾ 41 لک 45 هزار 216 ٻار تعليم حاصل ڪن ٿا. ۽ انهن ٻارن کي تعليم ڏيڻ لاءِ هڪ لک 56 هزار 216 استاد مقرر ٿيل آهن. جڏهن ته خانگي اسڪول سڄي سنڌ ۾ 11 هزار 521 رجسٽر ٿيل آهن. انهن خانگي اسڪولن ۾ 25 لک 16 هزار 866 ٻار تعليم حاصل ڪن ٿا. ۽ انهن ٻارن جي لاءِ هڪ لک 824 استاد مقرر ٿيل آهن. سنڌ ۾ هن وقت به 35 سيڪڙو ٻار پرائمري تعليم کان محروم آهن.







| | |
|---|---|
| ٽوٽل سرڪاري تعليمي ادارا | 45,447 |
| ٽوٽل بند اسڪول | 5,384 |
| ٽوٽل پرائمري اسڪول | 41,131 |
| پرائمري تعليم کان محروم ٻار | 35% |
| ٽوٽل مڊل اسڪول | 1,783 |
| ٽوٽل ايليمنٽري اسڪول | 546 |
| ٽوٽل هاءِ اسڪول | 1,696 |
| ٽوٽل هائير سيڪنڊري ڪاليج | 291 |
| ٽوٽل سرڪاري شاگرد | 41,45,216 |
| تعليم کان محروم ٻار | 61% |
| ٽوٽل سرڪاري استاد | 156,216 |
| ماستر | 106,119 |
| ماسترياڻيون | 5,0097 |
| ٽوٽل پرائيويٽ اسڪول | 11,521 |
| ٽوٽل پرائيويٽ اسڪولن جا شاگرد | 25,16,866 |
| ٽوٽل پرائيويٽ اسڪولن جا استاد | 10,0824 |
| ٽوٽل ٽريننگ ڪاليج استادن لاءِ | 42 |
| ٽوٽل بند ٽريننگ ڪاليج | 18 |
| غير تربيت يافته استاد | 13,740 |
| ٽوٽل پي- ٽي - سي استاد | 48,816 |
| سي - ٽي استاد | 9,416 |
| بي -ايڊ استاد | 46,531 |
| ايم- ايڊ استاد | 27,280 |
| ٻيا مختلف تربيتي ڪورس وارا استاد | 10,085 |

سنڌ حڪومت تعليم کاتي ۾ نياڻين جي تعليم لاءِ 30 سيڪڙو استاد مقرر ڪيا آهن. انگن اکرن موجب شاگردن ڪي تعليم ڏيڻ لاءِ هڪ لک 6 هزار 119 استاد مقرر ٿيل آهن. جڏهن ته شاگردياڻين ڪي تعليم ڏيڻ لاءِ 50 هزار 97 استادياڻيون مقرر ٿيل آهن. سنڌ جي ٻهرين کان ڏهين درجي تائين پڙهائيندڙ استادن ڪي پي ٽي سي ، سي ٽي ۽ ٻيا ڪورس ڪرايا ويندا آهن. سنڌ ۾ ڪل 42 ٽريننگ ڪاليجون آهن جن مان 18 ڪاليج بند آهن ۽ باقي 24 ٽريننگ ڪاليجز ۾ به استادن جي انرولمينٽ ٻهرين کان تمام گهٽ آهي. ڄاڻ موجب سڄي سنڌ ۾ پرائمري مان هائير سيڪنڊري جا هڪ لک 56 هزار 216 استاد آهن. جنهن مان 13 هزار 740 استاد غير تربيت يافتا آهن. جڏهن ته 48 هزار 816 استاد جي پي ٽي سي، 9 هزار 416 استادن جي سي ٽي ، 46 هزار 531 استادن جي بي ايڊ ، 27 هزار 280 استاد ايم ايڊ ۽ 10 هزار 85 جا مختلف ڪورس ڪيل استاد آهن. تعليمي ايمرجنسي ڊڪليئر هئڻ باوجود سنڌ اندر اڃا به 5 هزار 384 اسڪول بند پيل آهن. سنڌ ۾ گذريل 5 سالن کان يورپي يونين، ڪئناڊا سرڪار، يونيسيف، يو ايس ايڊ، سميت مختلف عالمي ادارن تعليم جي بهتري لاءِ **800 ارب رپين جا مختلف پراجيڪٽ شروع ڪيا آهن.** پر تنهن هوندي به تعليم کاتي ۾ اڃا به ڪا بهتري نظر نه ٿي سگهي آهي. جڏهن ته تعليم کاتي جو اهم شعبو سيمز 25 سالن کان تعليم بابت انگ اکر گڏ ڪري رهيو آهي. وفاقي ادارا توڙي عالمي ادارا سيمز جي انگن اکرن تي فنڊنگ ڪن ٿا، پر سيمز صوبائي اختيارن جي ٻي ڏياني سبب انتظامي بحران جو شڪار آهي.

## تعليمي نظام :

جيڪڏهن اسان پنهنجي تعليمي نظام تي نظر وجهنداسين ته ٽن قسمن جا نظام اسان کي نظر ايندا انگلش ميڊيم، اردو يا سنڌي ميڊيم، ۽ مدرسن جي تعليم. ٽن قسمن جي نصاب جي ڪري تعليم جو اهو مضبوط نظام ٺهي نه سگهيو آهي. جتي مفڪر، اديب، سائنسدان ۽ اسڪالر پيدا ٿيندا آهن . ناقص تعليمِي نظام جي ڪري ملڪ ۾ مفڪر، اديب، سائنسدان ۽ اسڪالر جي شديد کوٽ آهي. اسان وٽ هن وقت ڊگري يافته ته ڪيترا ئي ماڻهو آهي پر تعليم يافته نه هجڻ جي برابر آهن. جيڪڏهن ملڪ ۾ هڪ تعليمي نظام قائم ڪجي ۽ تعليم پنهنجي مادري زبان ۾ ڏني وڃي ته تعليمي نظام کي بهتر ڪري سگهجي ٿو.

سنڌ ۾ 47% مڊل 13 سيڪڙو هاءِ اسڪولن ۽ 3 سيڪڙو هائير سيڪنڊري اسڪولن ۾ بجلي جي سهولت موجود نه آهي. اسڪولن جي چوديواري جي حالت پڻ خراب آهي تقريبن 44 سيڪڙو پرائمري، 33 سيڪڙو مڊل 8.8 سيڪڙو هاءِ ۽، هائير سيڪنڊري اسڪولن کي چوديواري نه آهي. ساڳئي نموني 53 سيڪڙو پرائمري، 40 سيڪڙو مڊل، 6 سيڪڙو هاءِ، 4 سيڪڙو هائير سيڪنڊري اسڪولن ۾ پڻ پاڻي جي سهولت موجود نه آهي.

سنڌ جي سرڪاري اسڪولن ۾ مجموعي طور تي 36 ٻار هڪ ڪلاس روم ۾ تعليم حاصل ڪن ٿا. سنڌ ۾ هن وقت 6 لک 35 هزارن کان وڌيڪ سرڪاري ملازم موجود آهن. ملڪ جي ٻين شعبن وانگر تعليم جي شعبي ۾ پڻ ڪرپشن عروج تي پهچي چڪي آهي. سنڌ ۾ ڪاپي ڪلچر به تباهي جو هڪ وڏو ڪارڻ آهي. ان ڪري شاگردن وٽ وڏيون وڏيون ڊگريون ته آهن پر قابليت ۽ علم نه هئڻ برابر آهي. حڪومت جي لاپرواهي چئجي جو هن وقت به اڪثر اسڪولن جون عمارتون بوسيده ۽ زبون حالي جو شڪار آهن. ملڪ جي مستقبل جي معمارن کي پڙهائڻ لاءِ قابل استاد موجود نه آهن. اسڪولن ۾ استادن جي نالي تي گوسڙو استاد ملن ٿا، گوسڙو استاد اهي سرڪاري استاد آهن جيڪي 3 کان 5 هزار رشوت ڏئي اسڪول نه ويندا آهن. هنن جا استاد يونين ۽ ضلعي تعليمي آفيسرن سان گهرا واسطا هوندا آهن.



جڏهن ته سنڌ ۾ تعليم جي نظام کي بهتر بنائڻ لاءِ حڪومت سنڌ مختلف رٿائون پيش ڪيون آهن جن ۾ سنڌ جي پرائمري اسڪولن ۾ ڪمپيوٽر جي سکيا ڏيڻ واري اسڪيم پڻ شامل آهي. ان اسڪيم لاءِ 7 ڪروڙ رپيا رکيا ويا. پر بدقسمتي سان خرچ هڪ رپيو به نه ڪيو ويو آهي. تعليم کاتي ان سان گڏوگڏ تعليم جي بهتري لاءِ اسڪولن کي اپگريڊ ڪرڻ، اسڪولن ۾ بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ، 2 ڪمرن وارا اسڪول قائم ڪرڻ سميت مختلف اسڪيمن جون رٿائون پيش ڪيون آهن، جن تي صوبائي اختيارن جو ڌيان گهٽ هجڻ ڪري ڪم شروع ناهي ٿي سگهيو. ان کان علاوه رسمي تعليم سان گڏوگڏ غير رسمي تعليم ۽ تعليمِ بالغان تي پڻ ڪم شروع ڪيو ويو آهي. رسمي تعليم ۾ جيئن ته ڪچي پهرين کان وٺي يونيورسٽي تائين تعليم حاصل ڪئي ويندي آهي. جڏهن ته غير رسمي تعليم ۾ مختلف ڪورسز متعارف ڪرايا ويا آهن. جنهن ۾ USAID جي تعاون سان 10 کان 16 سالن جي ٻارن لاءِ 30 مهينن جو ڪورس پڻ متعارف ڪرايو ويو آهي جنهن جي لاءِ خاص نصاب پڻ ترتيب ڏنو ويو آهي. ان نصاب ۾ رياضي، انگلش، ۽ سنڌي جا ڪتاب پڻ شامل آهن. هي ٻن سالن جو ڪورس ٽن پيڪجز تي مشتمل آهي. ٻن سالن جي تعليم کان بعد 10 کان 16 سالن جي ٻارن کي پرائمري جي ڊگري پڻ ڏني ويندي. جنهن کان پوءِ هو ڪنهن به رسمي اسڪول جي ڪلاس ڇهين ۾ داخلا وٺي سگهندو. ان کان علاوه 18 کان 30 سالن جي ماڻهن لاءِ تعليم بالغان جا ڪورسز پڻ متعارف ڪرايا ويا آهن. جن ۾ انهن کي تعليم سان گڏوگڏ ڪنهن خاص هنر جي پڻ سکيا ڏني وڃي ٿي.

سنڌ ۾ ان ڪان علاوه مانيٽرنگ سسٽم پڻ متعارف ڪرايا ويا آهن. جنهن ذريعي تقريبن 26200 اسڪول ۽ 210،000 استاد پڻ مانيٽر ڪيا پيا وڃن. هاڻي استادن جي حاضري کي يقيني بڻائڻ لاءِ بايو ميٽرڪ سسٽم لاڳو ڪيو ويو آهي. بايو ميٽرڪ سسٽم متعارف هئڻ ڪري هاڻ گوسڙو استاد باقاعدگي سان اسڪول اچن ٿا. هن نظام سان اسڪولن ۾ استادن جي حاضري جي نظام ۾ ڪافي بهتري آئي آهي.

جيتوڻيڪ حڪومت سنڌ تعليم کي بهتر ڪرڻ لاءِ ڪافي مختلف قدم کنيا آهن. پر بدنظمي ڪري اجان بهتر نتيجا حاصل نه ٿي سگهيا آهن. حڪومت کي گهرجي ته مناسب منصوبا سازي ڪري تعليم کاتي کي فعال بڻائي ته جيئن سنڌ جي پوئتي پيل تعليم ۽ عوام کي جهالت جي اونداه مان ٻاهر ڪڍي تعليم جي زيور سان ڪري آراستا ڪري سگهجي.




ان ٻرندڙ مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ والدين جون ذميواريون هرگز گهٽ نه آهن ڪين اسڪول جي عملي سان سهڪار ڪندي گهر ۾ ٻارن کي هوم ورڪ ڪرائڻ ۽ ٻين سرگرمين تي پن نظر رکڻ گهرجي. صاحب حيثيت ۽ معاشري جو درد رکندڙن تي به لازم آهي ته هو اسڪول انتظاميه سان سهڪاري رويو رکندي انتظاميه جي همٿ افزائي ڪرائين. سماجي سرگرمين، راندين ۽ تقريرن جا مقابلا منعقد ڪرائڻ ۾ سندن مدد ڪن ته جيئن شاگردن جي حوصلاافزئي ٿي سگهي. صحافي پڻ سنن اسڪولن جون رپورٽون اخبارن ۾ شايع ڪن ته جيئن ٻاهرين تي به مثبت اثر پوي ۽ چٽاپيٽي وارو رجحان وڌي.




سنڌ جي تعليم جي ترقي لاءِ نجي ادارا پڻ ڪيترو ئي ڪم ڪري رهيا آهن، جنهن ۾ هڪ نالو سرسو جو به آهي. سرسو اداري تعليم جي سڌاري جذبي تحت سنڌ جي ٻهراڙي علائقن ۾9 ڪميونٽي ڪلسٽر اسڪولَ قائم ڪيا آهن. ڪلسٽر اسڪول جي قيام جو مقصد ٻهراڙي جي ماڻهن کي علم جي دولت سان مالامال ڪري اقتصادي ، سياسي ، ثقافتي، فني ۽ اخلاقي بلندين تائين پهچائڻ آهي، ان ڪان علاوه هتان جي فردن کي پنهنجي علائقي توڙي قومي سوچ ۾ تبديلي آڻڻ آهي،ته جيئن هتان جا ٻار دنيا جي جديد لاڙن موجب تعليمي ميدان ۾ اڳيرو ٿين.

سرسو اداري نياڻين جي تعليم تي پڻ خاص ڌيان ڏنو آهي. نياڻين جي اسڪول اچڻ لاءِ اسڪول بس جو پڻ انتظام ڪيو ويو آهي. سرسو ادارو پنهنجي نگراني ۾ تعليم جي جديد لاڙن کي نظر ۾ رکندي ٻارن کي معياري تعليم لاءِ ڪلسٽر اسڪول جي جديد طرز جي عمارت، سهولتون ۽ سامان مهيا ڪيو آهي. جتي هاڻ نصابي سرگرميون ۽ تجربا اثرائتي نموني پڻ ٿي رهيا آهن.

*

| 9 سيڪنڊري ڪلستر اسڪول | |
|---|---|
| ڇوڪرا | 1540 |
| ڇوڪريون | 1142 |
| ٽوٽل داخلا | 2682 |
| ٽوٽل استاد | 88 |




# سنڌ رورل سپورٹ آرگنائیزیشن

سرسو کامپلیکس شکارپور روڈ سکر
فون 071-56271820 فیکس 071-5627182-111
ویب سائیٹ www.srso.org.pk